اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء-١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل
جون نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار
ڪتابي سلسلو_7

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انيڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

جمادى الثانى ١٤٣١ ھ مطابق جون 2010ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 4 |
| تعليمات امام شاهه ولي الله | ادارو | 5 |
| اسماء الله الحسنيٰ... | حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه | 7 |
| امت جي بگاڙ جا ذميوار ڪير؟ | چيف ايڊيٽر | 8 |
| انسان چاڙهي چڙهي نہ سگهيو | مولانا محمد انس راڄپر | 12 |
| الله جي صفتن کي اپنايو | نور احمد ميمڻ | 15 |
| عدل ۽ احسان بابت مولانا سنڌي جي تشريح | مولانا عبداللطيف نانگراج | 18 |
| معيشت جو اجتماعي اخلاق تي اثر | مولانا عبداللطيف نانگراج | 20 |
| اسلام عورت جي شان کي بلند ڪري ڇڏيو آهي | مجاهد عبدالقيوم رخشاڻي | 26 |
| حديثون ۽ روايتون | پروفيسر ملانا سعيد احمد | 28 |
| عفوءِ درگذر جو پيغمبرانہ طريقو | مولانا شعيب الرحمن کهڙو | 31 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278 موبائل: 03132707097
www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

## پنهنجي اصلاح ڪرڻ گهرجي

سوره آل عمران جي آيت ۾ آهي:

اِنْ تَصْبِرُوْا وَتَتَّقُوْا لَا يَضُرُّكُمْ كَيْدُهُمْ شَيْـًٔا اِنَّ اللّٰهَ بِمَا يَعْمَلُوْنَ مُحِيْطٌ ﴿١٢٠﴾ (ال عمران-120)

”جيڪڏهن توهان صبر ڪندؤ ۽ تقويٰ جي روش اختيار ڪندؤ تہ توهان کي هين جون سازشون ڪو بہ نقصان نہ پهچائينديون.“ هن آيت ۾ فطرت جو هڪ اصول ٻڌايو ويو آهي.

هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن دنيا ۾ ”ڪنهن جو سازش سٽڻ“ اصل مسئلو ناهي، بلڪ اصل مسئلو صبر ۽ تقويٰ جي صفتن جو فقدان آهي. جيڪي انسان صبر ۽ تقويٰ جي صفتن سان مزين هوندا هين جون سازشون ۽ دشمنيون انهن جو وار بہ ونگو نہ ڪري سگهنديون. انهن کي ڪو بہ نقصان نہ پهچندو.

صبر ڪا انفعالي صفت (ڪنهن جي ڪيل عمل جي رد عمل طور اپرندڙ جذبو) ناهي. صبر جو مطلب آهي اها اعليٰ انساني صفت جنهن کي اڄ جي زبان ۾ (Self Control) چيو وڃي ٿو. يعني هين جي پيدا ڪيل مسئلن کان مٿي اڇي ڪري سوچڻ ۽ مثبت خيالن ۽ سوچن هيٺ پنهنجي زندگيءَ جو منصوبو جوڙي تعميري ڪم ڪرڻ. هيو ڇا ٿو ڪري ۽ سوچي ان کي نہ ڏسو توهان کي ڇا ڪرڻ گهرجي ان جو فڪر ڪيو.

تقويٰ جو مطلب آهي تہ انسان پاڻ ڇا ٿو چاهي. جنهن کي اڄ جي زبان ۾ (Self Oriented thinking) چيو وڃي ٿو . اها خود رخي سوچ ڇڏي خدا ڇا ٿو گهري، اهو ڪيو وڃي. انسان ۾ هر وقت خدا رُخي جذبو (God-oriented thinking) زنده رهي ۽ سندس عمل مان ان جو عڪس نظر اچي. يعني سماج ۾ انسان جي زندگيءَ گذارڻ جو طريقو (way) پنهنجن خواهشن ۽ نفساني لذتن ۽ جذبن جي هيٺ نہ هجي بلڪ خدا جي مشيت ۽ ان جي ٻڌايل قانونن هيٺ هجي.

جيڪي انسان صبر ۽ تقويٰ کي پنهنجي زندگيءَ جو لازمي حصو بڻائيندا، اهي ڪڏهن بہ زندگيءَ ۾ تڪليفن ۽ مشقتن ۾ نہ جڪڙبا ۽ نہ ئي وري انهن کي ڪير نقصان پهچائي سگهندو. ڇو تہ هن دنيا جو قانون آهي تہ ڪو بہ ناپسنديده واقعو يا حادثو هميشہ ٻن طرفن جي ڪارروائيءَ مان ٿئي نڪرندو آهي. نہ ڪي صرف هڪ طرف مان.

هر منفي ڪارروائي ڪنهن اشتعال انگيزيءَ جو جوابي نتيجو هوندي آهي. ڪو بہ شخص معتدل ذهن هيٺ ڪنهن جي خلاف ڪا بہ مخالفانہ ڪارروائي يا رد نہ ڪندو آهي. اهو ان وقت ڪندو آهي جڏهن ان کي ڇڙڪايو ويندو آهي ۽ صبر ۽ تقويٰ

جون وصفون انسان کي اهڙي روش اختيار ڪرڻ کان روڪينديون آهن ته اهو ڪنهن ٻئي کي پڙڪائي ڪري ان کي مخالف ڪارروائي جو جواز فراهم ڪري تنهن ڪري. صبر ۽ تقويٰ سماج ۾ امن امان ۽ حقوق جي تحفظ جو يقيني ذريعو آهن.

هي قدرت جو قانون آهي جيڪو ڪائنات جي خلقيندڙ پاڻ ٻڌايو آهي. ان مان معلوم ٿيو ته سازش ۽ ٻين جي خلاف واويلا ۽ هائي گهوڙا ڪرڻ بيڪار آهي. اصل ڪم هيءَ آهي ته ماڻهو پنهنجو پاڻ کي داخلي طور تي مستحڪم ۽ مضبوط ڪري. پنهنجي اندر وڌ ۾ وڌ صبر ۽ تقويٰ جي مشق ڪري انهن جو روح پيدا ڪري. ان کان پوءِ شڪايت جا سبب خود بخود ختم ٿي ويندا. هونئن به اصول آهي ته ٻين جي شڪايت ڪرڻ صرف هن ڳالهه جو ثبوت آهي ته ماڻهو پنهنجن امڪانن کي سمجهي نه سگهيو.

هن مان نتيجو هي نڪري ٿو ته خدا جي تخليقي پلان (Plan Creation) جي مطابق زندگيءَ ۾ هميشه ٻه مختلف شيون موجود هونديون آهن. مسائل (Problem) ۽ مواقع (Opportunities) جيئن زندگيءَ ۾ هميشه مسائل موجود رهندا آهن تيئن هميشه مواقع به هوندا آهن. حڪمت ۽ اسلامي طريقو هي آهي ته مسئلن کي نظر انداز ڪري مواقعن مان فائدو وٺڻ گهرجي. مسئلن سان الجهڻ صرف وقت جو زيان آهي. تنهن ڪري انسان کي گهرجي ته پنهنجي اصلاح ۽ پنهنجي تعمير ڪري. پنهنجي اندر کي سنواري، اها ئي حقيقي عقلمندي آهي ۽ اهو ئي اسلامي زندگي گذارڻ جو طريقو . هر انسان جي اندر الله تعاليٰ پنهنجي روح منجهان ڦوڪ رکي آهي (الحجر 29)

اسان وٽ عام طرح صبر جي نصيحت ان وقت ڪئي ويندي آهي جڏهن ڪو ماڻهو عاجز ۽ لاچار ٿي وڃي ۽ ان لاءِ صبر کان سواءِ ڪو ٻيو دڳ باقي نه رهي. ان وقت چوندا آهن ته صبر کان ڪم وٺ“! قرآن حڪيم ۽ خود عربي ٻوليءَ جي لحاظ کان اها معنيٰ صحيح نه آهي. ”صبر“ جي اصل معنيٰ آهي ثابت قدم (اڏول) رهڻ. دل جي قبضي ۾ اچڻ بدران دل کي قابو رکڻ. ان ڪري ”الصبير“ ڪڪر جي اُن ٽڪر کي چوندا آهن جو گهڻي دير تائين هڪ جاءِ تي بيٺو رهي. اهڙي طرح ”العصبيره“ عربن وٽ اُن ڌڻ جو نالو آهي جو صبح جو چرڻ نڪري ۽ سانجهيءَ جو پوري طرح چڱي حالت ۾ گهر واپس اچي.

ٻيو لفظ ”شڪر“ آهي. هن جو مطلب اسان وٽ اهو ورتو ويندو آهي ته جڏهن الله کان ڪا نعمت ملي، زبان سان الحمدلله چيو وڃي. شڪر جي بجا آڻڻ ۾ يقيني طرح هي به شامل آهي. پر شڪر رڳو اهو نه آهي. ان جو مفهوم گهڻو وسيع آهي. ان جي اصل معنيٰ اها آهي ته الله تعاليٰ جي ڏنل نعمتن کي ان جي ٻڌايل واٽ پٽاندڙ ڪم آڻجي. اهو ئي سبب آهي ته ان جي مقابل زير بحث آيت ۾ ”ڪفر“ جو لفظ استعمال ٿيو آهي. يعني ڪنهن نعمت جو انڪار ۽ ناشڪري. هي فرمايو ويو آهي ته اوهان کي جيڪي نعمتون ڏنيون ويون آهن تن کي صحيح جاءِ تي خرچ ڪريو. جيڪڏهن انهن کان غلط ڪم وٺندؤ ته اهو الله جو انڪار ۽ ان جي ناشڪري ٿيندي.



# حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

## عذاب جو ڪارڻ بڻجندڙ خصلتون

پيغمبر ﷺ فرمايو: پنج خصلتون اهڙيون آهن جيڪڏهن اهي توهان جي مٿان ڪڙڪن ته مان ان کان خدا جي پناهه گهران ٿو، جو اهي خصلتون توهان ماڻهن ۾ پيدا نه ٿين. ❶ ڪڏهن ائين نه ٿيو آهي جو جنهن قوم ۾ بدڪاري ۽ فواحش هن حد تي پهچي وڃن جو ماڻهو کليو کلايو بدڪاريون ڪندا وتن. ته نتيجي ۾ انهي قوم ۾ طاعون ۽ ٻين بڇڙين بيمارين جو ظهور نه ٿيو هجي، توڙي جو انهن جي پيءُ ڏاڏي ۾ اهي بيماريون ڪڏهن پيدا ئي نه ٿيون هجن. ❷ڪڏهن ائين نه ٿيو آهي جو ڪنهن قوم ماپ ۽ تور ۾ ڪمي شروع ڪئي هجي ۽ نتيجي ۾ انهي قوم کي ڏڪر، مهانگائپ، سخت محنت، مشقت، حڪمرانن جي ظلم ۽ ڏاڍ جي گرفت ۾ نه ورتو ويو هجي. ❸ڪڏهن ائين نه ٿيو آهي جو ڪنهن قوم پنهنجي مالن مان زڪواة ڏيڻ بند ڪئي هجي. ۽ نتيجي ۾ ڪين آسمان مان پوڻ واري بارش کان محروم نه رکيو ويو هجي. جيڪڏهن ٻين جي حقداري مورئون نه هجي ته جيڪر بارش بلڪل رڪجي وڃي. ❹ڪڏهن ائين نه ٿيو آهي جو ڪنهن قوم الله ۽ ان جي رسول جي عهد کي ٽوڙيو هجي ته ان جي نتيجي ۾ مٿن خون جي پياسن کي دشمن بڻائي مسلط نه ڪيو ويو هجي. جيڪي اچي انهي قوم جي مال ملڪيت مان هڪ وڏو حصو انهن کان ڦري نه وٺن. ❺ڪڏهن ائين نه ٿيو آهي جو ڪڏهن ڪنهن قوم جي اڳواڻن ۽ رهنمائن الله جي موڪليل ڪتاب جي قاعدن ۽ ضابطن کان لنوائي خدائي حڪمن جي خلاف ورزي ڪري زبردستي پنهنجا حڪم نافذ ڪيا هجن. ۽ نتيجي ۾ الله انهي قوم جي اندر گهرو ويڙهه، قتل عام ۽ ڏکيائون نه پيدا ڪيون هجن. (سيرت ابن هشام القسم الثاني صفحو 631)

هن حديث جي روشنيءَ ۾ اسان پنهنجي چوڌاري ماحول جو جائزو وٺون ته روز بروز نت نيون بيماريون ۽ وبائون منهن ڪڍي بيهن ٿيون. اسان انهن بيمارين مان جان ڇڏائڻ لاءِ لکين رپيا دوائن، آپريشن ۽ علاجن تي خرچ ڪيون ٿا پر پنهنجي زندگين ۽ پنهنجي معاشرن مان انهن بيمارين ۽ وبائن جي ڪارڻن کي ختم ڪرڻ جو سوچيون ئي نٿا. اسان وٽ جيڪي ماڻهو پاڻ انهن فواحش ۽ بدڪاريءَ کان بچيل آهن پر جيئن ته اهي فواحش کان پاڪ معاشري اڏڻ لاءِ پنهنجو جاني، مالي ۽ وقت جي قربانيءَ جو ڪردار ادا نٿا ڪن، ان ڪري سڀ ان عذاب جو شڪار ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح ڏڪر ۽ مهانگائپ کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ماڻهو ٻه ٻه جاب ڪرڻ کي لڳي وڃن ٿا، حرام ڪمائيءَ جي حدن ۾ داخل ٿي وڃن ٿا پر اصل اصلاح جي احوالن طرف نٿا اچن. پنهنجي هاري ۽ ملازم کي معاوضو پورو نٿا ڏين اها به هڪ قسم جي ماپ تور ۾ ڪمي آهي جو ماتحتن کي حالات جي مطابق بنيادي ضرورتن جيترو معاوضو نه ڏجي، انهن جي مجبوريءَ جو فائدو وٺي تنگ ۽ گهٽ حساب ادا ڪجي، معاوضو وقت سر نه ڏجي. اهڙيءَ طرح روزاني زندگيءَ ۾ هر مرحلي تي حقدارن جي حق تلفي پئي نظر ايندي . نتيجي ۾ ڪيتري به ڪمائي ڪيو، پورت اصل ڪانه. ڪا نه ڪا چٽي، ڪانه ڪا مصيبت پچر ئي نه ڇڏيندي.

پيغمبر ﷺ ٻڌايو آهي ته عملن بابت خدا جا نه تبديل ٿيندر قانون آهن، انهن ۾ ڪنهن به طرح جي رعايت ناهي. گمراهه ماڻهو ان کي عذاب سمجهڻ بجاءِ زندگيءَ جو معمول بڻائي ٿا ڇڏين ۽ ديندار وري ان کي خدا جي آزمائش قرار ٿا ڏئي ڇڏين، پر عملن ۾ تبديلي نٿا آڻين. ماڻهو سوچين ٿا ته خدا جو عذاب ان وقت سمجهنداسون جڏهن خدا پاڻ آسمان مان هٿ ڪڍي لٺ وهائي ڪڍي. پر جيئن ته خدا جي گرفت جا قانون جابجا قرآن ۾ ٻڌايل آهن ته هن عمل جي ڪري هِن نتيجي مان گذرندو انهي ڪري خدا انهن عملن جي نتيجي ۾ گرفت مقرر ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ ڪري اسان کي آسمان مان ڪنهن به لٺ جي وسڪاري جو انتظار ڪرڻ بجاءِ پنهنجي عملن کي سنوارڻ گهرجي.

# تعليمات امام شاهہ ولي الله رحمة الله عليه

## شريعت ۽ فطرت

الله تعاليٰ جي طرفان عطا ڪيل شريعت (شرعي قانون ۽ حڪمت) تقدير جي قانون جو خلاصو ۽ ان جو حصو آهي يا ان جي تقاضا آهي. تقدير جي معنيٰ آهي اندازو مقرر ڪرڻ.

خداوند تعاليٰ پنهنجي ڀاڄهہ ۽ حڪمت سان هن ڪائنات جي سيج کي مختلف نوعن سان سجايو آهي. هر نوع جي هڪ خاص صورت ۽ ان جي هڪ فطرت يا طبيعت رکي آهي. جنهن سان هر هڪ نوع ٻئي نوع کان الڳ ٿئي ٿو. هر هڪ نوع لاءِ ان جي نوعي تقاضا مطابق هڪ قانون يا اندازو مقرر ڪيو ويو آهي (يعني هر هڪ نوع جا افراد خاص حدبندين ۾ رهي ڪري پنهنجا پنهنجا ڪم ڪن ٿا. انهن حدبندين کان ٻاهر نٿا نڪري سگهن) هر هڪ نوع جا هڪڙا خاص ڪم ۽ اخلاق آهن ۽ ان سان گڏ هر هڪ نوع کي پنهنجي نوعي صورت مطابق خدا جي طرفان الهام ڪيا ويندا آهن جن کي وجداني يا طبعي الهام چئبو آهي. هي قصو تمام گهڻو ڊگهو آهي.

مثال طور. انسان جو ٻار ڄمڻ سان ٻئي ڪنهن جي سيکارڻ ۽ ٻڌائڻ کانسواءِ اهو ڪيئن ٿو معلوم ڪري وٺي تہ سندس ماءُ جا پستان هوندا آهن ۽ انهن ۾ سندس غذا رکيل آهي. پوءِ ان کي چوسڻ لڳي ٿو. سيني ساهوارن شين ۾ ”انسان“ سڀ کان افضل ۽ اشرف آهي. انسان ۾ عقل، فهم ۽ زڪاوت جون خوبيون آهن. انسان ۾ ”قوت ايجاد“ ۽ قوتِ اختراع“ قدرت جي طرفان امانت رکيل آهن. پنهنجن ضرورتن کي حل ڪرڻ لاءِ نوان نوان طريقا ايجاد ڪرڻ ۽ انهن ۾ نزاڪت، لطافت، عمدگي ۽ شائستگي سان گڏ گهٽ وقت ۾ گهڻو فائدو حاصل ڪرڻ ۽ آساني پيدا ڪرڻ انسان جو امتيازي خاصو آهي ۽ گڏوگڏ فطرت جي آثارن ۽ قدرت ۽ تبديلين تي ڪي ڏسي ڪري سماجي ۽ اجتماعي زندگيءَ لاءِ قاعدن ۽ ضابطن کي دريافت ڪرڻ تہ جيئن فائدي وارن شين کان فائدو ورتو وڃي ۽ نقصان وارين شين کي ختم ڪيو وڃي. انسان جي نوعي تقاضا (Specific tendency) آهي.

انسان جي اندر ۾ قدرت ٻہ قوتون امانت رکيون آهن. ملڪي قوت، بهيمي قوت.

جيڪڏهن انسان اهي ڪم ڪري جيڪي ملڪي قوت جي مطابق ۽ موافق آهن تہ ان جي ملڪي قوت ترقي وٺندي ۽ اهڙي انسان جي طبيعت فرشتن جهڙي ٿي پوندي. ڄڻ اهو بہ فرشتن منجهان هڪڙو فرشتو آهي. ۽ جيڪڏهن انسان بهيمي قوت جي موافق ۽ مطابق ڪم ڪندو تہ انسان جي بهيمي قوت ترقي ڪندي ۽ اهو انسان حيوانن جهڙين قبيح عادتن ۾ جڪڙجي ويندو، ڄڻ اهو حيوانن منجهان هڪ حيوان آهي.

هڪ حالت اعتدال (وچٿرائپ) جي آهي. ۽ انسان جي ”نوعي سعادت“ ۽ سندس نوعي ڪمال جي تقاضا اها ئي حالت يا ڪيفيت آهي. اها آهي ٻنهي قوتن جو پاڻ ۾

سمجهوتو ڪرڻ ماڻهو بهيمي قوت جي گهرجن منجهان اهي ڪم ڪري جيڪي ملڪي قوت سان ٽڪر نہ کائن، ان جي مخالف ۽ ضد نہ هجن ۽ ملڪي قوت جي گهرجن منجهان اهي ڪم ڪري جيڪي بهيمي قوت سان گڏجي سگهن. ائين ٻنهي قوتن ۾ مفاهمت جي فضا قائم ڪجي (يعني انسان جي بهيمي قوت کي ڪجھ متي ڪٽي اچجي ۽ انسان جي ملڪي قوت کي ڪجھ هيٺ ڪجي). حقيقت هي آهي تہ انسان جي ”نوعي صورت“ ان وچٿرائپ واري حالت جي تقاضا ڪري ٿي. جيڪڏهن ان ۾ نافرمانيءَ جو عنصر شامل نہ هجي.

سورت الروم جي آيت فطرت الله التي فطر الناس عليها (الروم 30).

ان اعتدال واري ڪيفيت جي طرف آهي. ان اعتدال واري ڪيفيت جي لاءِ ڪجھ ملڪات، احوال ۽ افعال آهن. حقيقت ۾ اهي ان کي حاصل ڪرڻ جا ذريعا ۽ وسيلا آهن. ائين ئي ان اعتدال واري ڪيفيت جي لاءِ منقصات يعني ان ۾ نقص پيدا ڪندڙ شيون آهن. جن سان ان اعتدال واري ڪيفيت ۾ گهٽتائي پيدا ٿيندي آهي. وري ان گهٽتائي کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪجھ ڪم ۽ عمل ڪيا ويندا آهن جن کي ڪفارو چيو ويندو آهي. ان جو مثال هي آهي: هڪ ماهر حذاق طبيب چاهي ٿو تہ انسان جي وچٿرائپ واري حالت جنهن کي صحت چيو وڃي ٿو قائم ۽ باقي رکڻ لاءِ ڪجھ شيون ضروري هونديون آهن ۽ ائين ئي ان صحت واري حالت کي ڪجھ شيون خراب ڪندڙ هونديون آهن. حڪيم پرهيزين شين جو حڪم ڏيندو آهي ۽ ٻئي درجي وارين شين کي ڇڏڻ جو چوندو آهي. الله تبارڪ و تعاليٰ جڏهن ازل ۾ سمورن نوعن جي لاءِ انهن جي نوعي تقاضائن مطابق قانون مرتب ڪيا تہ حڪيم پنهنجي حڪمت سان انسان جي ان اعتدال واري هيئت (فطرت) لاءِ ڪجھ ملڪا ۽ احوال ۽ افعال مقرر ڪيا جن سان ان کي حاصل ڪيو وڃي ۽ گڏ ان لاءِ ڪجھ نقص پيدا ڪندڙ شيون متعين ڪيون. (حڪمت جي قانون هيٺ پرهيزين کي ونڻ ۽ پوئين کي ڇڏڻ ضروري آهي) ۽ ان جو ئي نالو شريعت آهي.

انسان لاءِ مقرر ڪيل شرعي قانون هيٺ الله تعاليٰ ڪجھ شين کي انسان تي واجب ڪيو ۽ ڪجھ کي وري حرام ۽ ائين ئي ڪجھ کي وري مستحب، مباح ۽ مڪروھ )(ان مان معلوم ٿيو تہ شريعت فطرت جي تڪميل آهي. جيڪي ماڻهو صحيح فطرت کي متعين نٽا ڪري سگهن اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ غلط رستن تي ڀٽڪي وڃن ٿا.)

(ارمغان شاهه ولي الله-ص 293-294)

***

وَاَحۡسَنُ مِنۡكَ لَمۡ تَرَقَطُّ عَيۡنٌ
وَاَجۡمَلُ مِنۡكَ لَمۡ تَلِدِ النِّسَاءُ
خُلِقۡتَ مُبَرَّاً مِنۡ كُلِّ عَيۡبٍ
كَاَنَّكَ قَدۡخُلِقۡتَ كَمَا تَشَاءُ

(حضرت حسان ابن ثابت)



# اسماءُ الله الحسنيٰ[1]: حضرت روضي ڌڻي رحمة الله عليه

## السّلام

هي الله تعاليٰ جو اسم شريف آهي، جنهن جي معنيٰ آهي: اها ذات، جيڪا هر عيب کان پاڪ هجي، جنهن جون صفتون هر ڪمي ۽ ڪوتاهيءَ کان پاڪ هجن. جنهن جا ڪل ڪم ڪنهن ٻئي جي شرڪت يا ڀائيواري کان پاڪ هجن. جنهن جي هر ڪم ۾ خير ۽ ڀلائي هجي. الله جون حڪمتون ۽ سندس سمورا ڪم ذاتي طرح ڀلا آهن، سندس ڪوبہ ڪم برو ناهي، جيتوڻيڪ ڪن سببن جي ڪري ڪجھ شين جي ڀلائي (انسان جي آڏو) ظاهر نہ بہ هجي. علامہ طيبي (حسين بن محمد بن عبدالله) مشهور امام، مشڪوة شريف جو شارح متوفي: 743هه) جو چوڻ آهي تہ ”قدوس“ اهو آهي جيڪو پنهنجي ذات تقاضا سان هر عيب کان پاڪ هجي. (يعني پاڪ ذات) ۽ ”سلام“ اهو آهي، جيڪو هر اهڙي عيب کان پاڪ هجي، جيڪو سندس ذات ڏانهن منسوب ڪيو ويو هجي. ڪن جو چوڻ آهي تہ ”قدوس“ ازلي آهي ۽ ”سلام“ لايزالي ۽ پڻ سلام جي هڪ معنيٰ آهي: ”مومنن کي ڪفر جي آفت ۽ آخرت جي عذاب کان سلامتي بخشيندڙ.“ جيئن قرآن شريف ۾ آهي.

سَلٰمٌ ۜ قَوۡلًا مِّنۡ رَّبٍّ رَّحِيۡمٍ (يس:58)

رحيم رب جي طرفان مومنن کي بهشت ۾ سلام چيو ويندو.

### تعلق

حضرت امام غزالي (محمد بن محمد بن احمد غزالي متوفي: 505هه) چيو آهي، تہ هر شخص جيڪو بيائي، دغا، حسد، ساڙ ۽ بري نيت کان سلامت هجي، بچڙين عادتن ۽ بداخلاقن کان محفوظ هجي، تہ اهو الله تعاليٰ جي پيارن ٻانهن مان ٿيندو ۽ ذات اقدس جي اسم ”السلام“ جي قرب سان مشرف ٿي پوندو.بچڙين عادتن جو مطلب آهي تہ انسان پنهنجي عقل کي شهوت ۽ ڪاوڙ جو قيدي نہ بڻائي، پر شهوت ۽ ڪاوڙ کي پنهنجي عقل جي تابع بڻائي، انهن تي ڪيس پورو پورو ضابطو هجي.

### تخلق

سلام ۽ سلامتيءَ سان اهو شخص موصوف ٿي سگهي ٿو، جنهن جي هٿ ۽ زبان کان ٻيا مسلمان بچيل هجن.

### تعبد

عبدالسلام: يعني ”السلام“ جو ٻانهو اهو شخص آهي، جنهن تي الله تعاليٰ اسم ”السلام“ سان تجلي فرمائي هجي ۽ ڪيس نفس جي شرن، آفتن ۽ عيبن کان سلامت رکيو هجي. جيڪو شرن ۾ ورتل ماڻهن کان متاثر نہ ٿئي پر انهن تي اثر انداز ٿئي.

ايڊيٽوريل

چيف ايڊيٽر

# امت جي بگاڙ جا ذميوار ڪير؟

هيءَ ڏاهپ جو ٻول حضرت الصادق الامين صلي الله عليہ وسلم جن ڏانهن منسوب آهي، فرمايائون تہ. معاشري جا ٻہ گروهہ جيڪڏهن سڌريل هجن ۽ پنهنجو فرض پوري طرح ادا ڪندا رهن تہ سڄي امت ۾ اصلاح اچي ويندو. جيڪڏهن اهي ٻہ گروهہ بگڙيل هوندا تہ پوري امت بگاڙ جي ور چڙهي ويندي. فرمايائون تہ اهي ٻہ گروهہ آهن هڪڙو عالمن جو گروهہ ۽ ٻيو حڪمرانن جو گروهہ.

”صنفان اذا صلحا صلحت الامة كله واذا فسدتا فسدة الامة كله العلماء والحكام“

پوري امت مسلمہ بلڪ انساني دنيا جو جائزو ورتو وڃي تہ اها ڳالهہ چٽي طرح سامهون ايندي تہ انهن ٻنهي گروهن جي اصلاح ۽ فساد تي دنيا جو نظام سڌاري يا بگاڙ ڏانهن مائل ٿئي ٿو.

معاشري جا ڄاڻو ماڻهو (اهل علم) جيڪي درسگاهن، تربيتي مرڪزن، سڪيا جي ادارن، ميڊيا پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ جي گهرن ۾ ويهي قومي ۽ ملي اصلاح ۽ سڌاري لاءِ جيڪو فرض هنن کي ادا ڪرڻ گهرجي ها، ڇا اهو سڀ انهن پورو ڪيو آهي يا ان جو ڪجهہ حصو ئي سهي ان طرف اڳرائي ڪئي آهي؟

درسگاهون، جهيڙن، جهڳڙن ۽ قتل گاهن ۾ تبديل ٿي چڪيون آهن، اتي علم پڙهيو ۽ پڙهايو نٿو وڃي، شاگردن ۾ لڙايون پاڻ ۾ ۽ استادن سان ٿي رهيون آهن. معمولي ڳالهہ تي استادن جي بي عزتي نہ بلڪ انهن کي قتل ڪيو پيو وڃي. سمورو سال تعليم جي بجاءِ غنڊہ گردي ۽ دهشتگردي جو ماحول موجود آهي. شاگردن جون تنظيمون هڪ ٻئي سان عمل ۽ رد عمل جو شڪار بڻيل آهن. علم جي بجاءِ جهالت جو غلبو آهي. پوءِ امتحان جي موقعي تي ڪاپي ڪلچر جو ماحول موجود آهي ان ۾ استاد، انتظاميہ ۽ پوليس چوڪيدار سڀ جا سڀ ملوث آهن. درسگاهن مان جڏهن اهڙا ”جاهلان مڪتب“ جنم وٺندا تہ اهي معاشري جو ڪهڙو اصلاح ڪندا. اهي جڏهن ادارن جا سنياليندڙ بڻجي آفيسن ۾ ويهن ٿا تہ سواءِ ڪرپشن، ڦڳي، دوکيبازي ۽ ذاتي مفاد پرستي ڪان سواءِ هنن کي ٻيو ڪجهہ اچي ئي نٿو. اهڙي طرح اهي ”اهل علم“ قوم لاءِ فساد جو باعث آهن. ٻيا ”اهلم علم“ اهي آهن جيڪي مربي، مذڪي، مصلح بڻجي ادارن جي زينت بڻجن ٿا اهي بہ گهڻو ڪري، سڀ جا سڀ ”حب دنيا“ جي موذي مرض ۾ مبتلا آهن. وڏيون پگهارون، وسيع مراعاتون ۽ دنوي سهولتون هنن جو نصب العين هوندو آهي اهي شخص قومي تربيت ۽ عوام لاءِ آئيڊيل بڻڻ جي بجاءِ پنهنجي دنيا ٺاهڻ جي شغل ۾ مصروف رهندا آهن. پوءِ اصلاح جي بجاءِ انهن جو وجود بہ بگاڙ جو باعث هوندو آهي. ميڊيا جا سمورا دانشور، انساني فلاح ۽ ڀهبود لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا. پر هنن جو مقصد بہ



دنياداري ۽ دنيا جي سهولتن کي حاصل ڪرڻ بڻجي ويو آهي. هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ، انتقام بازي، ڪوڙي شهرت ۽ نفساني خواهشون هنن لاءِ زنجير بڻيل آهن. سڄي دنيا ۾ جيڪو ڪوڙ نشر ٿئي ٿو. جيڪو بيهودگي جو طوفان پيدا ٿئي ٿو، سفلي جذبن کي اڀارڻ جو جيڪو انسانن کي ماحول مهيا ڪيو وڃي ٿو. ان ۾ انهن ”اهل علم ”دانشورن ۽ تجزيہ نگارن جو سنئون سڌو هٿ آهي. انهن علم، فڪر ۽ پيغام رساني جي نالي تي جيڪو انڌير، جهالت، بدڪرداري ۽ آوارگي پيدا ڪئي آهي تہ ڇئي سگهجي ٿو تہ اهي ”اهل علم“ سڀ کان وڏيڪ قومي ڏوهاري آهن جن معاشري ۾ فساد ۽ بگاڙ کي هٿي ڏني آهي ۽ اهي ئي قومي ۽ ملي تباهي جا ذميوار آهن. ان ڪانسواءِ مذهب ۽ دين جي نالي تي درسگاهون، درگاهون ۽ تبليغي سينٽر جيڪي ماڻهو ڪوليون ويٺا آهن. انهن بہ ملت جي سکيا ۽ بيداري لاءِ ڪا مخلصانہ ڪاوش ڪا نہ ڪئي آهي. درگاهون، نذر ۽ نياز جا اڏا ۽ دولت جي حاصل ڪرڻ لاءِ دڪان داري وارو ڪردار ادا پيون ڪن، درسگاهون، تعليم جي بجاءِ تقليد، چند ڪتابن جي ورق گرداني ۽ ڪجهہ فروعي ۽ بي مقصد بحثن جي مناظري بازي تائين محدود آهن. فارغ التحصيل ”صاحبان علم“ وٽ نہ قرآن مجيد جو فڪر ۽ فلسفو موجود آهي، نہ معاشي ۽ سياسي معلومات جو ذخيرو رکن ٿا، نہ ئي عسڪري حقيقتن جي ڄاڻ تي عبور اٿن. تان تہ اسلام جي تاريخ، جغرافيہ ۽ سيرت تي بہ معلومات ۾ اڪثر ڪورا آهن. انهي صورتحال ۾ اهي ”اهل علم“ انسانن جي رهنمائي ۽ اصلاح تہ پري جي ڳالهہ آهي، هي تہ اسلام جي بنيادي تعليم کان بہ معاشري کي واقف نٿا ڪري سگهن. البتہ دين ۾ فرقا ۽ ٽولا ٺاهڻ، نيون نيون تنظيمون ۽ جماعتون جوڙڻ نندن ۽ فروعي مسئلن تي غير معقول فتوائون جاري ڪرڻ ۽ اسلام جي نالي تي ذاتي سهولتن کي حاصل ڪرڻ ۾ مشغول رهڻ، سندن ڪارڪردگي آهي. اهي بہ اصلاح جي بجاءِ امت کي انتشار ۾ وجهڻ جي حرڪت ۾ رڌل رهن ٿا. اهڙي طرح ”اهل علم“ جي وسيع تناظر ۾ خاص طرح مسلم دنيا ۾ تہ انهن سڀني جو ڪردار اصلاح جي بجاءِ بگاڙ جي طرف موجزن آهي. ڇئي سگهجي ٿو تہ انهن ۾ ڪجهہ شخصيتون، ڪجهہ ادارا، ۽ ڪجهہ مرڪز استثنيٰ جي درجي ۾ آهن، جيڪي خلوص، ديانت داري ۽ رضا الاهي خاطر امت جي اصلاح جي تحريڪ ۾ متحرڪ آهن ۽ انهن جي مثبت ڪردار ۽ اصلاحي ڪاوشن سبب امت ۾ ڪجهہ قدر جذبو، ايمان ۽ عمل جا ڏيا ٻرندي نظر اچن ٿا. ۽ اها شايد مشيت الاهي بہ آهي تہ امت ۾ اهڙو حق پرست گروهہ ۽ علماءَ حق ضرور رهندا جيڪي دين اسلام ۽ قرآن مجيد جي حقيقي فڪر سان لاڳاپيل هوندا ۽ امت جي بهترين رهنمائي ڪندا رهندا. مگر مجموعي صورتحال اها آهي تہ هن وقت اهل علم ۾ وڏي پيماني تي بگاڙ پيدا ٿي چڪو آهي ۽ هو معاشري کي بگاڙ ۽ فساد جي ڪڏن ۾ ڌڪيلي رهيا آهن. هاڻي اچون ٿا انسانن جي ٻي گروهہ ڏي جن جي ذميواري اهل علم کان بہ وڌي ۽ اهم آهي ۽ انهن جي اصلاح ۽ فساد جو اثر بہ طاقتور حيثيت رکي ٿو. اهو آهي حڪمران گروهہ، مراعات يافتہ ٽولو ۽ دولتمند اڳواٽي ڪندڙ قومي اڳواڻ، اهو بااختيار ۽ همہ گير مقتدر طبقو، انسانن جي بگاڙ ۾ وڏو ڪردار رکي ٿو. قومن جي تباهي بربادي ۾، قومن جي هلاڪت ۽ نابودي ۾ انهن جو عمل

بنيادي حيثيت جو حامل رهيو آهي. انهن ظالمن ۽ بدڪردار شخصن پنهنجي ذاتي مفاد ۽ اقتدار خاطر قومن جا تختا الٽائي ڇڏيا. قومن کي عذاب ۾ گرفتار ڪيو، قومن کي نيست و نابود ڪري ڇڏيو. تاريخ جا اهي ڏوهاري انسان آهن. تاريخ انهن کي هميشه لاءِ انسانيت کي تباهه ڪرڻ جو مجرم سمهجندي رهندي. هن دنيا ۾ به ملعون ۽ مردود سڏيا ويندا ۽ ايندڙ جهان ۾ به انهن کي سک جو ساهه نصيب نه ٿيندو.

تاريخ جي انهن ڏوهاري انسانن، خلافت راشده جي پاڪيزه نظام کي ٽوڙي ملوڪيت جو آغاز ڪيو. هڪ سو سال تائين بني اميه جي شهزادن جاگيرون ۽ محل جوڙيا. قتل ۽ ڪوس ڪرايو. موسيٰ بن نصير، طارق بن زياد، محمد ابن قاسم کي انتقام جو نشانو بڻايو ويو، جن جهاد ذريعي وڏيون فتوحات ڪيون ۽ اسلام کي پکيڙيو. انهن ۾ هڪ عظيم مصلح ۽ مجدد پيدا ٿيو يعني سيدنا عمر بن عبدالعزيز رضي الله عنه. ان کي به برداشت نه ڪيو ويو ۽ زهر ڏيئي مارايو ويو ڇو ته هن حڪمرانن جون جاگيرون ختم ڪيون هيون ۽ انهن جي عياشي جي محلن کي نيست و نابود ڪيو هو. ان عرصي کان بعد بنو عباس جي حڪمرانن پنج سو سالن تائين داداگيري ڪئي. انهن جي انتقام بازي ان حد تائين پهتي جو هنن گذريل حڪمرانن جا لاش قبرن مان ڪڍي ساڙي ڇڏيا. پوءِ مسلمانن جي مرڪزيت ختم ٿي وئي، طوائف الملوڪي شروع ٿي ۽ ڪئي حڪومتون جڙنديون رهيون. بادشاهي سسٽم کي خلافت جي مقدس نالي سان نوازيو ويو. پاڻ کي خليفو ۽ امير چوايو ويو. ان طرح حڪمرانن گذريل ڏيڍ هزار سالن کان هن امت کي فساد ۽ بگاڙ جي طرف اهڙي طرح ڌڪيليو آهي جو هي امت هاڻي هن دنيا ۾ ڪنهن به ڪردار ادا ڪرڻ جي لائق نه رهي آهي. برصغير ۾ ڪيئي فاتح سپهه سالار آيا ۽ دهليءَ جي تخت تي قابض ٿي پنهنجو عياشي جو دور پورو ڪندا رهيا تان ته مشيت جي هيٺ نيٺ غلامي ۽ ذلت جو شڪار بڻجي ويا. ڪالو نيز جي دور ۾ يورپ جي سامراجي قوتن جي غلامي وارو عذاب به هنن ڏٺو. ويهين صدي ۾ ٻن عالمي لڙائين يورپ کي ڪمزور ڪيو ۽ هو پوئتي هٽيا. ان سبب مسلم دنيا کي آزادي، نام نهاد آزادي ملي. پر جڏهن يورپ ڪمزور ٿي هٽيو ته ويندي ويندي مسلمانن کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري هليو ويو. ترڪن ۽ عربن کي پاڻ ۾ وڙهائي پوءِ وري عربن جون هڪ ٻي سان جنگيون ڪرائي عالم سلام کي ٽڪرن ۽ ننڍين رياستن ۾ ورهائي ڪمزور ڪري هليا ويا ۽ ويندي ويندي مسلمانن جي پٺي ۾ اسرائيل جي رياست کي قائم ڪري هڪ زهريلو خنجر به وهائي ڇڏيائون. برصغير ۾ هندن جي وڏي رياست قائم ٿي وئي پر مسلمانن کي ٽڪرن ۾ ورهائڻ جي سازش تي به عمل ڪندا ويا. ڀارت ۾ مسلمان الڳ، بنگال ۾ مسلمان الڳ، پاڪستان ۾ مسلمان الڳ ۽ ڪشمير ۾ مسلمان الڳ. اهڙي طرح دنيا جي سڀ کان وڏي هڪ قوت کي ٽڪرن ۾ تقسيم ڪري، ايندڙ دور ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي موقعي کان محروم ڪري ڇڏيائون. پاڪستان ۾ سامراجي ٽولي، مراعات يافته طبقي ۽ دولتمند جاگيردار گروهه کي حڪومت جون واڳون سونپيون ويون تان ته انهي نئين رياست ذريعي سامراجي مقصد پورا ٿيندا رهن. گذريل سٺ سالن کان ائين ئي ٿيندو رهي ٿو. آمريڪا ۽ يورپ هن رياست کي قرضن جي چڪيءَ



۾ پيڙي رهيا آهن. پاڪستان ۽ ڀارت جي مستقل لڙائي هر مسئلي تي موجود رهي ٿي. ٻنهي ملڪن جي بجيٽ جو وڏو هٿيارن ۽ ايٽمي قوت تي خرچ ٿي رهيو آهي. دنيا ۾ هي ٻئي ملڪ هڪ اهم مسئلو بڻيل آهن. ٻنهي جي پاڻ ۾ مقابلي واري صورت مان دنيا فائدو پئي حاصل ڪري. آمريڪا پاڪستان کي ڀارت جو لولو ڏيکاري ان کان پنهنجا ناجائز فائدا وٺي رهيو آهي ۽ دهشتگردي جي نام نهاد جنگ ۾ پاڪستان جي فوجن ذريعي سندس ماڻهو مارائي رهيو آهي. عوام، فوج ۽ حڪمران آمريڪا جي غلامي ۾ يا انهن جي چالبازي ۾ يا ڊالرن جي لالچ ۾ ڪڏي ڪردار ادا ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪري رهيا آهن.

”حڪمران جو بگاڙ معاشري جي بگاڙ جو بنيادي سبب آهي“، اها ڳالهه سو سيڪڙو سچ پاڪستان جي سماج ۾ موجود آهي. لياقت علي خان جي سامراجي پاليسي کان وٺي، ملڪ غلام محمد جي آمريت، سڪندر مرزا جي آوارگي، ايوب خان جي لاديني روش، ڀٽو جي انتقامي سياست، جنرل ضياءُ جي منافقت، بي نظير ۽ نواز شريف جي عياشي ۽ بزدلي، ۽ جنرل پرويز جي ذلت آميز آمريڪي فرمانبرداري کان ٿيندي هاڻي زرداري جي ڪرپشن، ذاتي انانيت، آمريڪا جي آخري حد تائين غلامي ۽ ملڪ جي ادارن جي تباهي ۽ بربادي تائين اسان سياسي سفر طئي ڪيو آهي. ڇا هاڻي موجوده حڪمرانن کان وڌيڪ ڪو راشي، ڪرپٽ ۽ ظالم حڪمران جنم وٺندو يا مهلت جو عرصو تنگ ٿي ويندو ۽ غلامي ۽ ذلت مقدر بڻجي ويندي يا الله تعاليٰ جو ڪو آخري فضل ۽ ڪرم ٿيندو جو اسان کي ڪو مخلص، ديانتدار ۽ صاحب امانت ”قائد ۽ رهنما“ ملي ويندو جنهن جي قيادت ۾ اسان ۾ تبديلي واقع ٿيندي. اسان جي نئين صبح، گهٽا ٽوپ انڌيرن مان نمودار ٿيندي. هن خطي جي امت عدل ۽ انصاف جو سچ اڀرڻ جو منظر ڏسي سگهندي.

الله تعاليٰ جي سنت اها بيان ڪئي وئي آهي ته هدايت ان کي نصيب ٿيندي آهي جيڪو هدايت جي طلب جي خواهش رکي اڳتي وڌندو آهي ”يهدي اليه من ينيب“ ٻي ڳالهه اها فرمائي وئي ته تبديلي تڏهن واقع ٿيندي جڏهن انسان جي اندر تبديلي جا ارادا نمودار ٿين. ”حتيٰ يغيرواما بانفسهم“

هن وقت پاڪستان جي دردمندن ۽ سچار انسانن کي جيڪي انقلاب يا تبديلي جي خواهش رکن ٿا اهي نڪري نروار ٿين، تبديلي جي لاءِ ميدان ۾ اچن، صفون تيار ڪن، فرقيواريت ۽ ٽولي بازي جي حرڪتن کان باز اچن، دين جي مرڪزي نصب العين تي متحد ٿي وڃن. هر جڳهه ۽ هر لمحي فڪري ۽ عملي طرح جهاد ۽ انفاق جو مظاهرو ڪن. امت جي بيداري ۽ سجاڳي لاءِ مال خرچ ڪن قربانيون ڪن ۽ پنهنجو حصو ۽حق ادا ڪن. پنهنجو عمل پورو ڪن ۽ پوءِ نصرت الاهي جو انتظار ڪن.

***

**مولانا محمد انس راڄپر**

# انسان چاڙهي چڙهي نه سگهيو

دنيا ۾ ته ڏينهون ڏينهن ترقي، تحقيق ۽ غور فڪر ٿيندو رهي ٿو. نيئن سر نوان نظريا، فڪر ۽ سوچون گلاب جي گلن جي مڪڙي وانگر انسان آڏو ٽڙن ٿيون ۽ انساني زندگيءَ کي تازگي ۽ فرحت بخشين ٿيون: پر اسان وٽ سدائين پاٽي پيو ولوڙجي، چاڪيءَ جي ڏاند وانگر ساڳيا پنڌ ۽ پيچرا، ساڳيا لاٽون ساڳيا چڳهه، نه رات ڪٽي نه بات ڪٽي. مٿان وري مصيبت اها ته پڙڪ به پاهر ناهي ڪڍٿي، پنڌ به ناهن جاچٿا، تجزيو به ناهي ڪرٿو، ڇا پاتو ڇا وڃايو؟ اهو به ناهي ڏسٿو. جتان ڪاله پنڌ شروع ڪيوسين، اڄ به اتي ئي ڇو بيٺا آهيون؟ اڳتي ته ڇا پر اڃا به وڌيڪ پوئتي ڇو آهيون؟ نبيﷺ جن فرمايو:

”من استواه يوماه فهو مغبون“ (جنهن جا به ڏينهن برابر رهيا سو ٺڳيل آهي).

پر اسان کي احساس ئي ڪونهي ته ڪو اسان ٺڳجي رهيا آهيون. االله تعاليٰ قرآن شريف ۾ فرمايو:

”هديناه النجدين فلااقتحم العقبہ وما ادراک ما العقبہ فک رقبة او اطعام في يوم ذي مسغبة“

اسان انسان کي ٻه واٽون ڏيکاريون پر اهو چاڙهي چڙهي نه سگهيو (بلند واٽ وٺي نه سگهيو) توکي خبر آهي ته اُها چاڙهي ڇا هي؟ (اها آهي) غلام آزاد ڪرڻ، مسڪينن کي غربت جي ڏينهن ۾ کارائڻ، مائٽ يتيمن کي يا مٽيءَ هاڻن مسڪينن کي.

اسان ڇو چاڙهي چڙهي نه سگهيا آهيون. ڇو غلامي اڄ به انسان جو مقدر آهي. مسڪين اڄ به انگ اگهاڙو پيٽ بکيو ڇو آهي. يتيم اڄ به ڌڪارجي ڇو ٿو.

فلسفي ۾ سوال جي اهميت آهي. جواب به ايترو اهم ناهي هوندو، جيترو فلسفي ۾ سوال اهم هوندو آهي. جڏهن سوال اٿندو آهي، تڏهن ئي ماڻهو آرس ڀڃي، چرڪ ڀري اٿندو آهي: پر اسان وٽ سوال ڪرڻ منع آهي.

اسان مسلمان جتي اڪثريت ۾ آهيون، غلامي، ذلت، بک، بدحالي ۽ ابتري اتي ديرو ڄمايو ويني آهي. اسان وٽ اسلام آهي، قرآن آهي، اسان حاملين قرآن وسنت آهيون: پر ڏينهون ڏينهن اسان ابتريءَ جو شڪار آهيون. اسان کي ابن ڏاڏن کان موروثي طور اهو خيال مليو آهي، جيڪو اسان طوطي وانگر ياد ڪري ڇڏيو آهي ته اسلام حق آهي، قرآن حق آهي ۽ اسان دين حق جا بيروڪار ۽ حامل آهيون. ان ڪري دنيا تي غلبو حاصل ڪرڻ اسان جو مقدر آهي. نسلن کان اهو خيال سينن ۾ سانديو پيا اچون: پر دنيا تي غلبي وارو اسان جو مقدر اسان کي ڏنو نه ٿو ليي. اسان کي ان بابت سوال ڪرڻ گهرجي، جڏهن اسان کي ان جو صحيح جواب ملي ويندو ته اسان کي ان پنورَ مان نڪرڻ جو به صحيح رستو ملي ويندو.

جنهن دين اسلام جا اسين حامل آهيون، سو اهوئي ساڳيو دين آهي، جيڪو يهودين، نصارن ۽ ٻين اڳين امتن کي مليو.



”شرع لکم من الدين ما وصي به نوحا والذي اوحينا اليک وما وصينا به ابراهيم وموسيٰ وعيسيٰ.“ (اوهان لاءِ اهوئي دين مقرر ڪيو ويو آهي. جنهن جي اسان نوح کي وصيت ڪئي ۽ جيڪو اسان توڏانهن وحي ڪيو آهي ۽ جنهن جي اسان ابراهيم، موسيٰ ۽ عيسيٰ کي وصيت ڪئي هئي.)

هن مان ثابت ٿيو ته سڀ اڳيون امتون ساڳئي دين حق جون ۽ الهامي ڪتابن جون حامل هيون. پر هڪ عرصي گذرڻ کان پوءِ اهي امتون دين حق جي تحمل ۽ ذميواري جي حيثيت کان ڪري پيون. جيئن الله تعاليٰ يهودين بابت فرمايو:

”مثل الذين حملوا التورات ثم لم يحملواها کمثل الحمار يحمل اسفارا.“

جنهن کي الله تعاليٰ تورات جو حامل بنايو، پوءِ اهي ان جا حامل نه ٿي سگهيا، تن جو مثال گڏهه جهڙو آهي، جنهن تي ڪتاب لڏيا ويا هجن.

ڇا اهو قبول ڪري سگهجي ٿو ته اسلام ۽ قرآن جا حامل دين اسلام جي تحمل ۽ ذميواري جي حيثيت کان ڪري پيا آهن؟ ان جو جواب اسان کي نبيﷺ جن جي هن فرمان مان ملي ٿو، جنهن ۾ پاڻ هڪ انصاري صحابيءَ کي فرمائن ٿا ته:

جلد قرآن امت جي هٿن مان نڪري ويندو. انصاري صحابي چوڻ لڳو يا رسول الله! اهو ڪيئن ٿيندو حلانڪ اسان قرآن پڙهون ٿا، پنهنجي اولاد کي پڙهائيداسين، اهو پنهنجي اولاد کي پڙهائيندو؟ پاڻ فرمايائون اي سعد! آءُ توکي سيني انصارن مان سياڻو سمجهندو هوس! ڇا نه ٿو ڏسين ته اهل ڪتاب تورات ۽ انجيل پڙهن ٿا!.

معنيٰ جيئن يهودي ۽ نصارا موجود آهن، تورات ۽ انجيل پڙهن ٿا، تيئن مسلمان به اڪثريت ۾ هوندا، قرآن پڙهندا: پر انهن جو اهو پڙهڻ ائين هوندو جيئن (نبيﷺ جي زماني ۾) يهودين ۽ نصارن جو تورات ۽ انجيل پڙهڻ هو. انهن ۾ قرآن هوندو پر حالت وڃي يهودين ۽ نصارن جهڙي رهندي، دين حق ۽ قرآن جي هوندي به هو ان جا صحيح حامل نه هوندا.

مسلمانن جي اڄ جي حالت رسول اللهﷺ جن جي هن فرمان مبارڪ جي حقيقي عڪاسي ڪندڙ آهي. جيڪي مسلمان سمجهن ٿا ته قرآن اڄ به اسان ۾ ائين موجود آهي، جيئن اڳي هو، مٿئين حضورﷺ جن جي ارشاد وارا ڏينهن اڃا ناهن آيا، سي ڀليل آهن. اسان مان قرآن پر ڪري اڏامي هليو ويو آهي. اڄ قرآن کي پوتين ۾ ويڙهي گهر ۾ برڪت لاءِ رکيو ويو آهي. ثواب ڪمائڻ لاءِ ختما ڪري پڙهيو ٿو وڃي، مدرسن ۽ مسجدن ۾ اهڙن ئي مقصدن لاءِ قرآن جون مجلسون زنده ۽ جاويد آهن، پوءِ جي اهڙا مدرسا ۽ مسجدون لکن جي تعداد ۾ شاندار عمارتن سان آباد آهن، تڏهن به انهن جو تعلق وري به زندگيءَ جي اهڙن ئي حصن سان آهي. انهن مدرسن ۽ مسجدن جي وڏن کان وڏن عالمن ۽ اڪابرن جو معاشري ۾ وڏي ۾ وڏو مقام اهو آهي ته ڪائنن دعا ونجي، تعويذ ونجي، سندن واعظ مان ايمان جي تازگي (ذهني تسڪين/ ذهني عياشي) حاصل ڪجي. مالي پريشانيون ٿين، نوڪريءَ جا مسئلا ٿين، گهر ۾ بي برڪتي ٿئي، ذهني سڪون حاصل نه هجي ته اهڙن روحانيت وارن اڪابرن وٽ ماڻهو اڇيو ڳاهٽ ٿين ٿا. اسان خوش ته اسلام

زنده آهي. ملا جو ڪاروبار جاري آهي ته پاڻ سمجهيو ته اسلام ۽ قرآن زنده آهي. ختمن جي ماني ۽ صدقن جا ٻڪرا ڪائي مڇ ڪي وٽ ڏئي ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيري مون پارو مولوي چئي ته هيءَ قرآن جي برڪت آهي ته اهو سراسر دوکو آهي.

انساني زنگيءَ جا سرگرم ۽ مؤثر حصا اڄ قرآن ۽ دين حق جي هدايتن ڪان خالي آهن. زندگيءَ جا سياسي، سماجي ۽ معاشي حصا اڄ به قرآن ڪان خالي آهن. مسلمانن جي زندگيءَ جي سرگرم حصن ۾ قرآن موجود نه ٿيو ته ڪيئن قبول ڪجي ته قرآن مسلمانن ۾ زنده آهي.

اڄ به انساني اڪثريت غلاميءَ جي زندگي گذاري ٿي، مسلمان اميرن جا خزانا سرمائي سان ڀريل آهن، پر ڪروڙين غريب مسلمان موجود آهن. جيڪي پيٽ جي باهه اجهائڻ ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ گڏهن ۽ ڍڳن جيترو پوڳين ٿا. نه غذائي ضروتون ميسر آهن، نه صحت حاصل آهي، نه علم حاصل ڪرڻ جا موقعا آهن. محنت ڪشن ۽ پورهيتن تي تمام وڏا ٽيڪس هڻي انهن جي ڪئي ڪمائي ميڙي چوندي اميرن ۽ مقتدر طبقن جي بي پناهه عياشين جي نظر ڪئي ٿي وڃي. اڳي ته رڳو هڪ خطي جي عوام جي پگهر پورهئي جو استحصال ساڳئي علائقي جي اميرن ۽ مقتدر طبقن جي عياشين لاءِ ڪيو ويندو هو. پر هاڻي ايم پي اي ايم اين ايز ڇا يوسي ناظم جي حڪمرانن ڪان وٺي صوبي جي حاڪمن، وري وفاق جي حاڪمن ڪان ويندي عالمي سامراج تائين وري هيڏانهن تجارتي زندگيءَ ۾ هڪ عام دڪاندار ڪان وٺي عالمي سرمائيدارن تائين محنت جي استحصال جو هڪ نظام جڙيل آهي، جنهن پورهيت طبقي ۽ محنت ڪشن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو آهي. ۽ ايئن زندگي جا ڪيئي شعبا آهن جتي غريب ڪي ڦرڻ ۽ ان جي رت جو اخري ڦڙهو به نپوڙي ڪڍڻ جو سلسلو هلي رهيو آهي.

ڇا پوءِ اهو قبول نه ڪجي ته زمانو صدين ڪان موٽي ان هنڌ پهتو آهي جنهن لاءِ الله تعاليٰ قرآن ۾ فرمايو ته: (انسان) چاڙهي چڙهي نه سگهيو“

نبيﷺ جن پنهنجي انقلاب مڪمل ڪرڻ واري موقعي تي فرمايو هو: اڄ زمانو ڦري ان هيئت تي آيو آهي. جنهن تي پيدا ٿيو هو.“ يعني پنهنجي قدرتي حالت تي، جنهن ۾ ڪوبه ظلم فساد ۽ استحصال نه هو. پر ان ڪان پوءِ زمانو گهڻو گذري چڪو آهي. هاڻي مسلمان ان حالت ڪان ڦري ۽ دنيا ان حالت مان ڪڏهوڪو نڪري وري اچي ان هنڌ بيٺي آهي جنهن لاءِ قرآن چيو: ”انسان چاڙهي چڙهي نه سگهيو“. اسان کي اهو سوچڻ گهرجي ته جتي اڳيون قومون هيون اسان اتي پهتل آهيون ۽ هيءَ اسان جي حالت تحمل دين ۽ تحمل قرآن جي رتبي ڪان ڪرڻ جي ڪري آهي. ان ڪري آهي ته قرآن اسان جي زندگين منجهان نڪري چڪو آهي.

اسان دين حق ۽ قرآن جا صحيح حامل تڏهن ٿي سگهنداسين، جڏهن اسان قرآن ۽ دين حق جي ذريعي زندگيءَ جي سرگرم حصن سياست، معيشت ۽ معاشرت ۾ پورهيت ۽ محنت ڪش جي استحصال ۽ انساني غلامين جي خاتمي جو سبب بڻجندا سين ۽ دين حق کي زندگيءَ جي سرگرم ۽ مؤثر حصن ۾ انساني فائدي جي قابل بنائيندا سين.



**نور احمد ميمڻ**

# الله جي صفتن کي اپنايو

”الله جي صفتن کي اپنايو،“ هيءُ اسانجو مڪمل قرآني تعليمي فلسفو آهي. قرآن خدا پرستيءَ جو بنياد ئي انهيءَ جذبي تي رکيو آهي ته انسان خدا جي صفتن جو عڪس پاڻ ۾ پيدا ڪري. قرآن انسان جي وجود کي هڪ اهڙي سرحد قرار ڏئي ٿو جتي حيوانيت جو درجو ختم ٿئي ٿو ۽ هڪ اعليٰ حيوانيت جو درجو شروع ٿئي ٿو. اهو چوي ٿو ته انسان جي انسانيت جو جوهر جيڪو ان کي حيواني سطح ڪان بلند ۽ ممتاز ڪري ٿو، سو الله جي صفتن جو عڪس آهي. ان ڪري انسانيت جي تڪميل ان ۾ آهي ته انسان ۾ وڌ ۾ وڌ الله جون صفتون منعڪس ٿين. اهو ئي سبب آهي جو قرآن جتي به انسان جي خاص صفتن جو بيان ڪيو آهي، اتي سڌي طرح انهن کي خدا ڏانهن نسبت ڏني آهي، ايستائين جو انسانيت جي جوهر کي خدا جو ڦوڪيل روح چيو ويو آهي:

ثُمَّ سَوَّاهُ وَنَفَخَ فِيهِ مِنْ رُوحِهِ وَجَعَلَ لَكُمُ السَّمْعَ وَالْأَبْصَارَ وَالْأَفْئِدَةَ (السجده-9)

”الله آدم کي سنواري منجهس پنهنجي روح مان ڪجهه ڦوڪيو ۽ اوهان لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون بڻايائين. (نتيجو هيءُ نڪتو ته ان ۾ عقل ۽ حواسن جون وڏيون روشنيون ٿي ويون.)“

اشرف المخلوقات خدا جو خليفو بڻايل انسان پنهنجي خلقڻهار کي ڪيئن مڃي؟ ۽ پنهنجي پالڻهار جي رضا ڪيئن ماڻي؟ ان لاءِ قرآن سڀني دنيا جي انسانن ڪان مطالبو ڪري ٿو ته اهي انهيءَ الله تي ايمان آڻين جنهن جو تصور خود قرآن پيش ڪيو آهي. هر شخص هر قبيلو ۽ هر قوم ڪنهن نه ڪنهن رنگ ۾ خدا جي قائل آهي. ليڪن قرآن چوي ٿو ته اوهان جو ائين ئي خدا کي مڃڻ، حقيقت ۾ خدا کي مڃڻ ناهي. اهو ته ان خدا کي مڃڻ آهي جيڪو توهان جي دماغن ۾ پنهنجو تراشيل خدا آهي يا توهان جهڙن ٻين ماڻهن جو گهڙيل خدا آهي. جيڪو شخص خدا جو ته قائل هجي پر ان جي صفتن جو صحيح تصور ان جي سامهون نه هجي ته ان جو ائين ئي خدا کي مڃڻ، حقيقي خدا جي انڪار جيان هوندو. خدا تي ايمان ان شخص جو مڃيو ويندو، جيڪو ان خدا جو قائل هجي جنهن جون صفتون قرآن ڪريم بيان ڪيون آهن. الله تعاليٰ کي انهن صفتن جو حقيقي تناسب سان پنهنجو عقيدو بنائڻ توحيد جي عقيدي يا الله کي مڃڻ جي لازمي تقاضا آهي.

الله جي صفتن جو تصور جيڪو قرآن قائم ڪيو آهي انهن جي پهرين پڌرائي سورت فاتحه آهي. اها پهرين پڌرائي ربوبيت، رحمت ۽ عدالت جي تصوير آهي.

ربوبيت جي صفت سان الله تعاليٰ سڀني جهانن جو رب آهي. عربي لغت موجب رب اهڙي ذات کي چوندا آهن جيڪا ڪنهن شيءِ کي هڪ ٻئي پٺيان ان جي مختلف حالتن ۽

ضرورتن جي مطابق اهڙي طرح اؤسر ڏيندي رهي جو اها پنهنجي ڪمال واري حد ڪي پهچي. ٻين لفظن ۾ ربوبيت جي لاءِ ضروري آهي ته وجودن جي لاءِ انهن جي نوعيت پٽاندر پالنا ۽ سارسنڀال هڪ هلندڙ ۽ لڳاتار نظام تحت ٿيندي هجي.

قرآن مجيد ۾ الله تعاليٰ جي هن صفت جو وڏ ۾ وڏ بيان ٿيو آهي. قرآن مجيد جو پهريون پيغام به هن صفت سان آيل آهي، اِقۡرَاۡ بِاسۡمِ رَبِّكَ الَّذِىۡ خَلَقَ- قرآن جي ابتدا به هن صفت سان آهي: اَلۡحَمۡدُلِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ- ۽ قرآن جي انتها به هن صفت سان آهي قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ. انهيءَ ڪري ربوبيت يا پالڻهاريءَ جي صفت جو انسان جي مٿان عڪس يا ان جو پرتوو به اوترو ئي اهم آهي. اهو عڪس انسان جي پنهنجي انفرادي زندگيءَ ۾ به هوندو ۽ انسان جي اجتماعي زندگيءَ ۾ به. انسان جي مٿان پالڻهاريءَ جي نظام ۾ شرڪت صرف ايتري ناهي جو پنهنجي دائري ۾ ايندڙ ذميدارين جي ڪجهه خرچن جو بار پنهنجي مٿان کڻي ڇڏي. بلڪ انهن ذميدارين جي هڪ ٻئي پٺيان ان جي مختلف حالتن ۽ ضرورتن جي مطابق ممڪن حد تائين اؤسر ڏيڻ جي ذميداري نڀائڻ ان ۾ مددگار بنجڻ، ان جي سعيو ڪرڻ سڀ شامل آهن. اهڙي طرح جيئن انسان ڪي ڌرتيءَ تي پنهنجي دائري ۾ پنهنجي اولاد، عزيزن پنهنجي چوڌاري ماڻهن جي لاءِ پرورش جي ڪوشش ۾ شريڪ ٿيڻو آهي، تيئن اجتماعي طور تي اهڙو نظام قائم ڪرڻ جي ڪوشش ۾ شرڪت ۽ سعيو ڪرڻ ۽ حاصل وسيلن ڪي انهن مقصدن جي لاءِ وقف رکڻ صفت ربوبيت ڪي اخلاق بنائڻ جي لازمي تقاضا آهي. وري جڏهن اهڙو نظام قائم ٿي وڃي ته سڀني انسانن جي رزق جي وسيلن جي ذميواري ايمان وارن جي مٿان هوندي.

ڪائنات ۾ موجودات جي هر گوشي ۾ الله جي ربوبيت کان به وڏيڪ هڪ ڪشادي حقيقت ڪارفرما آهي، جنهن تي خود ربوبيت جو انحصار آهي. قرآن ان ڪي رحمت، رحمانيت يا رحيميت جو نالو ڏئي ٿو. اها رحمت ئي آهي جيڪا هر مخلوق ڪي جمال ۽ تڪميل عطا ڪري ٿي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي ته:

وَرَحۡمَتِىۡ وَسِعَتۡ كُلَّ شَىۡءٍ (الاعراف -156)

منهنجي رحمت دنيا جي هر شيءِ تي ڦهليل آهي.

رحمان ۽ رحيم جو مادو به رحمت آهي. عربيءَ ۾ رحمت جي معنيٰ آهي، ”اهڙي رقت ۽ ٻاجهه جنهن سان ڪنهن ٻئي لاءِ شفقت جو اظهار هجي.“ انهيءَ ڪري رحمت ۾ محبت، شفقت فضل ۽ احسان سڀني جو مفهوم داخل آهي. الله جي رحمت جي صفت جي حوالي سان ٻانهو ٻاجهه، محبت، شفقت، احسان ۽ مهربانيءَ جو مجسم بڻجي الله جي مخلوق لاءِ نفعي بخشيءَ جو ذميدار بنجڻو آهي.

الله جي عدل جي صفت جي تقاضا آهي ته ٻانهو جيڪو به عمل ڪري ٿو، جزا ۽ سزا ان جي مطابق ڪيس ڏني ويندي ۽ الله جي ذات توري تڪي حساب ڪرڻ واري ڏينهن جي مالڪ آهي. ان ڪري ڪو به ماڻهو ان جي عدل وارن قانونن مان گذرڻ کان بچي نٿو سگهي.

انهيءَ ڪري انسان ڪي جيڪڏهن ٻنهي جهانن ۾ پنهنجي لاءِ آسانيون گهرجن ته پوءِ الله تعاليٰ جي هن صفت جي حوالي سان پنهنجي امتحان گاهه ڌرتيءَ تي پنهنجي عمل ۽



روين ۾ عدالت جو پيڪر بنجي. هُن سان وابسته جيترا ماڻهو آهن، انهن سان عدالت جو وهنوار هلي. سندس سماج ڪي عدالت جي ضرورت آهي ته ان جي لاءِ هو وابستگي ۽ جاکوڙ ڏيکاري ۽ دنيا جا ٻيا ماڻهو عدالت جا طلبگار آهن ته هي انهن جي لاءِ به پنهنجي جذبي ۽ عمل ڪي وقف رکي. الله سميع ۽ بصير يعني ٻڌندڙ ۽ ڏسندڙ آهي ته انسان به پنهنجي ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ڪي الله تعاليٰ جي اطاعت ۾ رکي ۽ پنهنجي دائري ۾ ضرورت طلبي ۽ داد رسيءَ جي آواز ڪي جيءُ چوي. الله جي ذات ناصر آهي ته انسان مدد ۽ نصرت جي جيتري به وسعت رکندو هجي ان لاءِ پاڻ ارپيندو رهي. الله جي ذات المهيمن آهي ته ٻانهو به انساني نگهبانيءَ جون سڀ صلاحيتون الله جي، پاڻ جهڙن ٻين ٻانهن جي حقن جي تحفظ لاءِ وقف رکندو اچي. اهڙي طرح سڀني صفتن جي صورتحال آهي، جن جو پرتوو بنجڻ انسان جي لاءِ بندگي ۽ ٻانهپ جي لازمي تقاضا آهي. قرآن ڪي انسان جي اهڙي بندگي ۽ ٻانهپ گهربل آهي ۽ اهڙي ٻانهپ سان ئي انسان جي ڌرتيءَ جي مٿان ”خليفي“ واري ڪردار جي ادائيگي منحصر آهي.

انسان صرف جسم جو نالو ناهي، بلڪ ان جسم کان علاوه هڪ ٻي شيءِ به آهي جنهن ڪي ان جي ”ذات“ چئجي ٿو. انساني ذات يا شخصيت الله تعاليٰ جي پاران سونپيل آهي ۽ پنهنجي جاءِ تي مستقل حيثيت رکي ٿي. انسان ڪي اها متعين صورت ۾ نٿي ملي بلڪ ان جي تعمير ۽ ان جو نکري نروار ٿيڻ ئي انساني زندگيءَ جو اصل مقصد آهي. ان ڪي انساني ذات جي اؤسر چئجي ٿو. انساني ذات جي هيءَ اؤسر الله تعاليٰ جي صفتن سان ٿئي ٿي. جيترو هي صفتون انسان اپنائيندو ويندو اوترو ئي سندس ذات ۽ شخصيت ڪمال جي طرف وڌندي رهندي ۽ ٻانهو قرب الاهيءَ جي نعمتن سان همڪنار ٿيندو ويندو. اهو الله تعاليٰ جو رنگ آهي جنهن سان انسان جيئن جيئن رنگبو ويندو تيئن تيئن الله جي محبوبيت جو حقدار بڻبو. انهيءَ سان انسان جي پنهنجي انفرادي زندگي ۾ جيئن ڪيس شخصيت جي ڪاملتا حاصل ٿيندي، تيئن سندس اجتماعي زندگيءَ ۾ به حُسن، ترقي ۽ آجپو حاصل ٿيندو. انهيءَ سان ئي اهي اصول تشڪيل ۾ ايندا جن سان هڪ جنت نظير فلاحي معاشري جي حاصلات يقيني بڻجي پوندي.

الله تعاليٰ جي صفتن ۾ ڪا به اهڙي صفت ناهي جنهن ڪي ڇڏڻو پوي ۽ نه وري ڪا اهڙي صفت آهي جنهن ۾ غلو ۽ شدت اختيار ڪرڻي پوي. ان جون سڀ صفتون پنهنجي پنهنجي موقعي تي بهتر نتيجا سمايل هونديون آهن. انهيءَ ڪري ئي انهن ڪي ”اسماءُ الحسنيٰ“ جي نالي سان پڪاريو ويو آهي. اهي صفتون اهڙي سهڻي توازن سان دنيا جي ٻئي ڪنهن به مذهب ۾ ڳوليون ڪونه ملنديون، اهي صرف قرآن حڪيم جي اندر موجود آهن.

***

اي موسيٰ جيڪو پنهنجي پيءُ ماءُ سان سٺو سلوڪ ڪري ٿو. دنيا ۾ مان ان جو ولي وارث رهان ٿو. قبر ۾ مددگار ۽ حشر ۾ ان تي مهربان رهان ٿو. (ارشادِ باري تعاليٰ)

مولانا عبداللطيف نانگراج

# عدل ۽ احسان بابت مولانا سنڌيءَ جي تشريح

مولانا عبيدالله سنڌي ﷫ جن فرمايو:

”دين جا ٻه اهم ٿنڀ آهن (1) تهذيب اخلاق (پنهنجي شخصيت کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ) يعني عقائد جي تصحيح سان گڏ نيڪ ۽ صالح عملن جو التزام (انهن کي لازم ڪري وٺڻ) ان جو ٻيو نالو احسان آهي. (2) حقوقِ اجتماعيت، يعني پاڻ ملي جلي رهڻ جي ڪري جيڪي هڪ ٻئي تي حق لازم ٿين ٿا انهن کي ادا ڪرڻ.

هيءَ اجتماعيت (گڏجي ڪري رهڻ) هڪ ڪٽنب ۽ خاندان کان شروع ٿي ڪري هڪ بين الاقوامي صورت اختيار ڪري ٿي هن ۾ تدبير منزل، (گهريلو يا خانداني زندگيءَ کي منظم ۽ مستحڪم ڪرڻ) اجتماعيت قريه، (ڳوناٽي زندگي) اجتماعيت مدنيه شهري زندگي ۽ اجتماعيت بين الاقوامي سڀئي شامل آهن. اجتماعيت مدينه کي اڄ جي سياسي اصطلاح ۾ قومي اجتماع جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي.

حقوق اجتماعيت جي تقاضا هيءَ آهي ته انسان پنهنجي معاشرتي زندگي ۾ تعاون ۽ امداد سان زندگي بسر ڪري (يعني ضرورت جي وقت ۾ هڪ ٻئي کان مدد وٺي ۽ هڪ ٻئي جو سهارو بڻجي. مثال طور. جيئن والدين پنهنجن ٻارن جي تربيت ۽ پرورش ڪندا آهن، پر جڏهن اهي پوڙهائپ کي پهچن ته سندن جي اولاد تي فرض آهي ته انهن جي پرگهور لهي. انهن جي خدمت ڪري. گڏوگڏ اها متي مائٽي جي رشتي جي تقاضا ۽ حڪمت به آهي.

اهڙي طرح قبيلائي يا قومي زندگيءَ ۾ سرنديءَ وارن جو فرض آهي ته اهي پنهنجن علائقن جي غريبن ۽ مسڪينن، ڪمزورن ۽ بيمارن جي خدمت ۽ مدد ڪن. ان ”عمل“ جو ٻيو نالو عدل آهي.

اهو عدل، قومي زندگيءَ ۾ ٻن شين کي لازم ٿو ڪري. هڪ ان قوم سان عداوت ۽ قطع تعلقات جيڪا هن قوم سان عداوت رکي ٿي. ٻيو ان قوم سان محبت ۽ دوستي ۽ سٺا تعلقات جيڪا هن سان ائين ڪري ٿي.

عام ماڻهن جي زبان ۾ سياست هنن ٻنهي ڪيفيتن يعني عداوت ۽ موالات سان جڙي ٿي، پر اهل حڪمت ۽ دانش چاهن ٿا ته هيءَ صرف حقوق اجتماع آهن، ۽ سياست انهن وٽ اجتماع ۾ عدل قائم ڪرڻ ۽ دشمن سان جنگ ڪرڻ جو نالو آهي.

حڪيمن وٽ عدل ۽ احسان ٻئي سياست جا جز آهن. احسان ۽ عدل ۾ اهي تفريق نه ڪندا آهن. ڪنهن به آسماني مذهب ۾ انهن کي الڳ نه ڪيو ويو آهي، جو ته هي ٻئي شيون تقوي جي برابري جو درجو رکن ٿيون. پر جڏهن سوسائٽي جو نظام بڇڙو ٿي پوندو آهي ته اتي احسان ۽ تهذيب اخلاق کي دين جو نالو ڏنو ويندو آهي ۽ بڇڙائيءَ جون محرڪ



طاقتون سياست کي الڳ ڪري پنهنجي نفساني خواهشن جي تابع ڪري ڇڏينديون آهن. ملڪ جو قانون دين جي هيٺان نه هوندو آهي. آسماني تعليم جي مطابق اهو فساد آهي. ۽ اهو ئي فساد بني اسرائيل ۾ رائج ٿيو هو.

اهو فساد دين ۾ تحريف جو سبب بڻجي وڃي ٿو. مان هنن ٻنهي ڳالهين جو يهودين ۾ تجربو ڪيو آهي. سندن مذهب هاٿي باطل پرستي ۽ وهم پرستي ۾ مبتلا ٿي چڪو آهي، حالانڪ هي هڪ وڏو مذهب هيو. اڄ انهن جي ڪتابن مان حق ۽ باطل جي نکيڙ ڪرڻ مشڪل ٿي پئي آهي. جو ته انهن ۾ احسان جي تجديد ڪرڻ وارا پيدا نه ٿي سگهيا آهن ۽ انهن پاڻ کي بطور مذهب جي ٻه سياست کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي.

پر جيئن ته سياست کان ڪلي طور تي منهن موڙڻ ناممڪن آهي، تنهن ڪري هنن مختلف خواهشن جي هيٺ اچي ڪري پاڻ کي گروهن ۽ ٽولن ۾ بند ڪري ڇڏيو آهي، پاڻ کي جنگ ۽ جدل جي باهه ۾ وڪوڙي ڇڏيو اٿن. تنهن ڪري اهڙي صورتحال پيدا ٿي وئي آهي جو انهن جي ڪتابن مان ايمان، اسلام ۽ احسان جي سلسلي ۾ حق ۽ باطل جي نکيڙ نٿي ڪري سگهجي. ائين ئي جيڪڏهن هندن جي ڪتابن کي ڏسبو ته انهن ۾ به حق پنهنجن سمورن صورتن ۽ شڪلن ۾ موجود آهي پر ان تي باطل پنهنجي پوشاڪ ويڙهي ڇڏي آهي. حق موجود ته آهي پر باطل سان گهليل مليل. اهڙي طرح اسان جي مسلمانن جي فرقن ۾ به حق ۽ باطل گهليل ۽ مليل آهي. جو ته هتي به عدل ۽ احسان ۾ فرق ڪيو ويو آهي. اسان هن مسئلي جي باريڪي ۽ ان جي نتيجن کي چڱي طرح ڄاڻون ٿا.

حضرت سنڌي جن فرمائن ٿا ته احسان کي عدل کان جدا نه ڪيو وڃي

”پوءِ جيڪڏهن ڪو ماڻهو احسان کي عدل کان الڳ رکي ٿو يعني پنهنجن عقيدن ۽ اخلاقن کي ته سڌاري ٿو ليڪن شهر، قوم ۽ ملڪ جي حقن جي ڪا به پرواهه نه ٿو رکي ۽ ملڪي سياست کان پري رهڻ کي پسند ڪري ٿو ته ان ماڻهوءَ جڻ ته الله جي دين جو انڪار ڪيو. سياست کي دين کان جدا ڪرڻ واري صورت ۾ جيڪو برو نتيجو مرتب ٿئي ٿو ان جو بيان هن آيت ۾ ڪيو ويو آهي: ”اولئک الذين اشتروا الحيوت الدنيا“ يعني اهي اُهي آهن جن آخرت جي بدران دنيا جي حياتي خريد ڪئي. پوءِ ڪائنات عذاب هلڪو نه ڪيو ويندو ۽ نه کي ڪين مهلت ڏبي. (يعني اهي ماڻهو جيڪي احسان کي عدل کان جدا ٿا ڪن اهي پنهنجن نفساني خواهشن جا غلام بڻجي دنيا جا غير شعوري طلبگار بڻجن ٿا.

(الهام الرحمان، ص 137-138)

****

ناتو ڳنڍڻ وارو، اهو ناهو جو سٺي سلوڪ جي بدلي ۾ سٺو رويو اختيار ڪري، بلڪ صله رحمي ڪرڻ وارو ته اهو آهي جو جڏهن ڪو رشتيدار، رشتو ڇني ته هيءُ انهيءَ کي ڳنڍي.

(نبي اڪرم ﷺ)

مولانا عبداللطيف نانگراج

# معيشت جو اجتماعي اخلاق تي اثر

## علم الاقتصاد و علم الاجتماع جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ۽ شاهه ولي الله

Society is the specific tendency of human

**"معاشرو انساني نوع جي طبعي تقاضا آهي**

يعني انسان طبعي ۽ فطري طور تي مدني الطبع آهي ته قدرت انسان جي ضرورتن جي نوعيت ئي ڪجهه اهڙي رکي آهي جو هڪ اڪيلو انسان هزارين ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به انهن کي پورو نٿو ڪري سگهي. يقينن اهو انسان پنهنجن ضرورتن جي پورائي لاءِ ٻين انسانن جو محتاج بڻجي ٿو. اهو "احتياج" انسانن کي پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ملي جلي رهڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي. نتيجي ۾ معاشرا ۽ اجتماع وجود ۾ اچن ٿا.

سماج افرادن جي ترڪيبي هيئت جو نالو آهي. يعني معاشرو ۽ فرد لازم ۽ ملزوم آهن. هن ڳالهه تي ته قديم ۽ جديد سڀ حڪيم ۽ دانشور متفق آهن ته انفرادي اخلاقن جو مظهر انساني اجتماع ۾ ئي ٿي سگهي ٿو. ڪنهن به انسان جو بحيثيت هڪ فرد جي ان جو جائزو نٿو وٺي سگهجي ۽ نه ئي وري ان جي قدر جو ڪو يقين ڪري سگهجي ٿو . يعني جيستائين ڪنهن انسان کي سوسائٽيءَ جي ڪنهن جز يا فرد جي حيثيت سان نه ڏٺو وڃي تيستائين ان جي اخلاقي بلندي جو پستي ۽ ان جو سماجي قدر معلوم نٿو ڪري سگهجي. يعني هڪ انسان جو هن نقطي نظر سان ان جي قدر جو جائزو ورتو ويندو ته ان انسان جي ڪمن مان معاشري کي جيڪڏهن فائدو پهچي ٿو ته چئبو ته هي انسان سٺو آهي. پر جيڪڏهن معاشري کي نقصان پهچي ٿو ته چئبو هي انسان خراب آهي. اهڙي طرح سان ان انسان جو سماجي قدر به معلوم ڪري سگهجي ٿو ته هن جي ڪمن مان جيترو سماج کي فائدو پهچندو ته چئبو ته سندس ڪم ايترو پلو آهي ۽ ائين ان جي ڪمن مان جيترو سماج کي نقصان پهچندو ته چئبو ته سندس ڪم ايترو خراب آهي. شاهه صاحب فرمائن ٿا: "انساني زندگي، اجتماعي زندگيءَ کانسواءِ گذارڻناممڪن آهي. تنهنڪري هر انسان ڪنهن نه ڪنهن جماعت جي رڪن هجڻ جي حيثيت سان زندهه رهي سگهي ٿو ۽ هي ڳالهه اسان جي قدرت کان ٻاهر آهي ته ڪنهن فرد جي خوبين جو بحث جماعت کان الڳ ڪري ڪيون. جو ته اسان کي اها ڪيئن خبر پوندي ته جنهن جماعت سان ان جو تعلق آهي ان جي اندر اهي ڪهڙيون وصفون آهن جن سان سنن اخلاقن ۽ فضائل ۾ مدد ملندي آهي يا انهن وصفن جو هجڻ اخلاقي ۽ پلائيءَ واري زندگي لاءِ پيدا ڪنديون آهن.

(اخلاق و فلسفءِ اخلاق، ص11)

"حقيقت هيءَ آهي ته انسان نه صرف ڪنهن هڪ ڳانڍاپي سان جڙيل آهي بلڪ اهو ڪيترين ئي ڳانڍاپن جي سلسلي جي ڪڙي آهي، جيڪي پاڻ م مليل ۽ مرتب آهن. هو



هڪ خاندان جو جز آهي. هڪ شهر جو حصو آحي. هڪ قوم جو فرد آهي ۽ پوءِ آخر ۾ هو هڪ بين الاقوامي نظام جو رڪن آهي." (اخلاق و فلسفہ اخلاق ص 220)

مطلب ته امام صاحب وٽ اخلاق اجتماعي زندگيءَ ۾ (سماج) ۾ ئي ظاهر ٿين ٿا. ڪو به فرد بحيثيت هڪ فرد جي ترقي نٿو ڪري سگهي، بلڪ ان کي سوسائٽي جو حصو بڻجي ڪري ئي رهڻو پوي ٿو. پوءِ ان ۾ ان جون مختلف حيثيتون ٿين ٿيون. خانداني، قبيلائي، قومي ۽ بين الاقوامي وغيره اصل حقيقت هي آهي ته سماجي فلسفي ۾ هي مسئلو (فرد ۽ جماعت جو) انتهائي اهم آهي شاهه صاحب وٽ جيتوڻيڪ حقيقي قدر ۽ قيمت جو حامل آهي ۽ پاڻ ان جي انفراديت جو ضرور احترام به ڪن ٿا. تنهن ڪري سندن فلسفي جو هڪ بنيادي نقطو هيءُ به آهي ته "فرد جو معاشي مسئلو آساني سان حل ٿيڻ گهرجي. جو ته مالي طور تي مستحڪم شخصيت ئي حقيقي اخلاق جو مظهر بڻجي سگهي ٿي."

پر پاڻ هن ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته فرد جي تشڪيل ۽ تعمير صرف سماج جي اندر رهڻ سان ئي ممڪن آهي. تنهن ڪري مادي ۽ روحاني ترقي سماج جي اندر رهي ڪري ٿيندي. فرد جي باري ۾ سندن فلسفو هي آهي ته فرد جا ٻه مختلف پاسا آهن. هڪ فرد جو تعلق ذات مطلق (يعني سندس خالق سان هي ٻيو سندس هم جنس افرادن سان هي سماجي تعلق آهي. ۽ ڪو به انسان سماج کان الڳ ٿلڳ ٿي ڪري نه پنهنجي تعمير ڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي وري نجات حاصل ڪري سگهي ٿو. شاهه صاحب وٽ "نجات هڪ سماجي عمل آهي."

پر جيئن معاشرو فرد جي لاءِ ڪسوٽي ۽ معيار آهي تئين معاشرو فرد جي "تربيت گاهه" به آهي. جيڪڏهن معاشرو صحيح اصولن تي قائم هوندو ته ان معاشري جي هنج ۾ پلجندڙ انسان به بهترين شخصيت سان سنوارجي سگهبا. پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن معاشرو شر ۽ فساد جو گڙهه هوندو ته ان ۾ رهندڙ فرد به ان رنگ ۾ رنگجي ويندا. پر هتي سوال هي آهي ته معاشري کي ڪيئن سڌارجي ۽ سنوار جي ۽ ان کي ڪيئن بهترين ۽ مضبوط اصولن جي بنياد تي قائم ڪجي؟ ان ڳالهه کي مسلم حڪيمن ۽ يورپي دانشورن حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

Subject يوناني حڪيمن اخلاقيات (Ethics) ۽ اجتماعيات (Sociology) تي تمام گهڻو لکيو آهي. پر انهن ٻنهي کي الڳ الڳ موضوع بڻائي لکيو آهي جيئن يوناني حڪيمن ۾ ارسطو ، افلاطون، ايپي ڪيور ۽ ٻين تمام گهڻو ڪجهه لکيو آهي. پر انهن فلسفين هنن ٻنهي شين (اخلاقيات ۽ اجتماعيات) جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي کي بيان نه ڪري سگيا آهن.

مغربي دانشورن منجهان ڪانٽ، سپينسر ، شونپهار، ڊيڪارٽ، مل، سپنوزا، ۽ هيگل اجتماعيت ۽ اخلاقيات تي تمام گهڻو ڪجهه لکيو آهي پر اهي به ٻنهي جي پاڻ ۾ ڳانڍاپي کي بيان نه ڪري سگهيا آهن. ائين ئي مسلم حڪيمن ۾ ابن مسڪويہ، غزالي، ماوردي، راغب، ڪندي، فارابي، ابن سينا، ابن رشد، ابن خلدون، ابن عربي وغيره انفرادي اخلاق تي تمام وڏا بحث ڪيا آهن. هر ڪنهن وار جي ڪل لاتي آهي، پر سندن قلم اجتماعي اخلاق ۽ معيشت جي باري ۾ رڪيل نظر اچي ٿو.

اصل ۾ حڪيم ۽ دانشور هن ڳالهه تي زور ڏيندا رهيا آهن ته بهترين افرادن جي

تعمير سان ئي اجتماعي اخلاق کي سڌاري سگهجي ٿو. يعني بلند اخلاقي اجتماعيت کي اخلاقيات جي هيٺان رکيو آهي.

سندن نظريو هي آهي ته علم الاجتماع کي علم الاخلاق جي هيٺان ڪري دنيا کي جنت جو نمونو بڻائي سگهجي ٿو. پر هنن انفراديت پسند صوفين ۽ دانشورن جن اخلاق کي معاشي ارتفاق تي مقدم رکيو آهي ان جو نتيجو هي نڪتو آهي ته نه سماج ۾ سڌارو اچي سگهيو آهي ۽ نه ئي وري تزڪيه نفس جو ڪم صحيح طريقي سان ٿي سگهيو آهي، جيڪو معاشري تي ڪي خاطر خواهه اثر مرتب ڪري.

جيئن مولانا عبيدالله سنڌي رحمت الله عليه جن فرمايو: ”عام طور تي تصوف اخلاق سان شروع ڪيو وڃي ٿو. معاشي ضرورتون حيواني زندگيءَ جي لاءِ تسليم ڪيون وڃن ٿيون، پر انهن جو انسانيت سان ڪو ڳانڍاپو نٿو تسليم ڪيو وڃي. جنهن ڪري اسان جي سياست کوکلي ٿي چڪي آهي. ۽ اسان جا عقلمند ۽ مهذب ماڻهو اجتماعي ڪمن کان پاسيرو رهڻ کي ڪمال سمجهن ٿا.“ (الفرقان، ولي الله نمبر، ص 320)

پر شاهه ولي الله اهو پهريون حڪيم ۽ فلسفي آهي جنهن علم الاخلاق ۽ علم الاجتماع ۾ علم الاقتصاد جي اهميت ۽ ان جي درجي کي متعين ڪيو آهي. سندن نظريو هي آهي ته بهترين سماج جي تشڪيل لاءِ عادل معاشي نظام جو هجڻ ضروري آهي. هڪ اهڙو اقتصادي نظام جيڪو افراط ۽ تفريط کان خالي عدل ۽ انصاف جي بنياد تي قائم هجي. سندن چوڻ آهي ته اجتماعي معاشيات جو اجتماعي اخلاق تي تمام گهرو اثر پوي ٿو. تنهن ڪري اجتماعي اخلاق جي سڌارڻ ۽ سنوارڻ لاءِ هڪ رواداري ۽ امداد باهمي ۽ تعاون جهڙن اصولن تي قائم اقتصادي نظام هئڻ ضروري آهي، جيستائين ان قسم جو معاشي سسٽم سوسائٽي ۾ قائم نه ڪبو تيستائين اخلاقي حسن نروار نه ٿيندو. جيڪڏهن قومن جي جسم ۾ فاسد معاشي نظام جو رت ڊوڙندو رهندڙ هوندو ته ان قوم جو اجتماعي اخلاق تباهه ٿي ويندو.

جيئن حضرت سنڌي فرمائن ٿا: ”حضرت امام ولي الله“ معاشي ضرورتن کي سڌو سنئون انسانيت جو جز قرار ڏئي ڪري ٻڌائي ڇڏيو آهي ته انهن ضرورتن کي آسانيءَ سان حل ڪرڻ لاءِ صحيح نظام جوڙڻ ضروري آهي. ته جيئن انسان پنهنجون ضرورتون آسانيءَ سان پوريون ڪري وٺي ۽ ان کان پوءِ ان وٽ ڪجهه وقت بچي ته جيئن اهو پنهنجي لطيفن (اندروني اخلاق) جي تڪميل ۽ ان ۾ سڌارو ڪري سگهي (يعني ذات مطلق سان پنهنجي تعلق کي سگهارو بڻائي سگهي) (الفرقان ولي الله نمبر ص 230)

شاهه صاحب معاشيات ۽ شخصيت جي تعمير جي لاڳاپي کي چٽو ڪري ڏيکاريو آهي. شاهه صاحب حجت الله البالغه ۾ ذڪر ڪيو آهي ته ”انساني عملن جي لاءِ محرڪ قوتون نفسي ڪيفيتون معاشي حالتن جي اثرن هيٺ جڙنديون آهن.

بدور بازغه ۾ چٽو فرمايو اٿن:

”انما الاخلاق بالاحوال لا بالعلوم“ (بدور بازغه 41)

يعني انساني اخلاق معلومات سان نه بلڪ حالتن سان پيدا ٿيندا آهن.“



هڪ هنڌ حجت الله البالغه ۾ لکن ٿا: انسانيت جا اجتماعي اخلاق ان وقت بلڪل برباد ٿي ويندا آهن. جڏهن هنن تي ڏاڍ ۽ جبر ڪري اقتصادي تنگي تي مجبور ڪيو وڃي ۽ انهن کان حيوانن ۾ ڍڳن ۽ ڍورن وانگي ڪم ورتو وڃي.

پاڻ هڪ هنڌ اجتماع انساني جي خرابين جي سببن تي بحث ڪندي سڀ کان وڏيڪ اهم سبب اقتصادي عدم توازن کي قرار ڏين ٿا. پاڻ فاسد تمدن کي (Corruption of Civilization) اشرافيه طبقي جي عياشين جو نتيجو قرار ڏين ٿا.

پاڻ چون ٿا ته جڏهن اشرافيه طبقو پنهنجي عيش و عشرت ۽ عياشين تي ملڪ جو پيسو لٽائي ٿو، نتيجي ۾ ملڪ جا محنت ڪندڙ ۽ ڪمائيندڙ ماڻهو بنيادي ضرورتن وارا پيشا ڇڏي ڪري انهن اشرافيه طبقي وارن جي لاءِ عياشيءَ واريون شيون ٺاهن ٿا ۽ نتيجي ۾ زراعت، صنعت ۽ حرفت جهڙا پيشا جن تي صحيح تمدني ترقي موقوف هوندي آهي، اهي ختم ٿيندا ويندا آهن، جنهن ڪري معاشرو ترقي کان محروم رهجي ويندو آهي. ۽ گڏوگڏ عياشيءَ جي ڪري اخلاقي فساد پکڙبو آهي. پوءِ وري اها وبا صرف مٿي طبقي ۾ ئي نه رهندي آهي، بلڪ پوري قوم ۾ سرايت ڪري ويندي آهي.

شاهه صاحب ان باري ۾ روم ۽ فارس جي شهنشاهيت واري نظام کي مثال طور پيش ڪندي آخر ۾ لکن ٿا: ”ان اقتصادي بدحالي جو نتيجو هي نڪرندو آهي ته اشرافيه طبقو پنهنجي عياشيءَ جي سامان جي پورائي لاءِ هارين، مزدورن ۽ صنعتڪارن تي وڏا وڏا ٽيڪس هڻندو آهي. پوءِ اهي ويچارا ٽيڪس ادا ڪرڻ ۽ پنهنجن ٻارن ٻچن جي پيٽ پالڻ ۾ رڌل رهندا آهن. آخرت واري سعادت جي باري ۾ ته سوچڻ ئي پري جي ڳالهه آهي.

پوءِ آهستي آهستي انسانن مان سوچڻ ۽ سمجهڻ جو مادو ئي ختم ٿي ويندو آهي. ڪڏهن ته وري ائين ٿيندو آهي جو ملڪ ۾ ڪو هڪ به اهڙو نه ملندو آهي جيڪي مادي زندگي کان مٿي ٿي ڪري ابدي ڪائنات جي اصولن کي سمجهي ۽ ان جي مطابق عمل ڪري (شاهه ولي الله کا فلسفه عمرانيات و معاشيات ص 137).

هڪ هنڌ پاڻ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت جي غرض تي ڳالهائيندي لکن ٿا ته ”رسول الله صلي الله عليه وسلم جن جي بعثت جو هڪ مقصد هي هيو ته پاڻ طبقاتي ۽ جبري نظام کي ختم ڪري عادل اقتصادي نظام قائم ڪن ته جيئن ماڻهو معاشي ارتفاق کان فارغ ٿي ڪري الهي ارتفاق ۾ ترقي ڪن“ (پاڻ ڪريم ﷺ جي زماني ۾ اهو نظام روم ۽ فارس جي بادشاهيءَ جي صورت ۾ عمل پذير هيو، تنهن ڪري ان کي ختم ڪرڻ سندن نبوت جي اهم مقصدن منجهان هڪ هو.“

(شاهه ولي الله کا فلسفه عمرانيات و معاشيات، ص 141)

شاهه صاحب جي ان نقطي نظر جي وضاحت قاضي جاويد احمد صاحب هيئن بيان ڪئي آهي. قاضي صاحب لکن ٿا: ”شاهه صاحب وٽ، فرد جي تعمير ۽ ان جي ذات جي نشو و نما لاءِ تعاون، باهمي رواداريءَ جهڙن اصولن تي هڪ اجتماعي ۽ فلاحي نظام ضروري آهي. شاهه صاحب وٽ اهڙو سماجي نظام عادل اقتصادي نظام سان ئي تشڪيل ٿئي ٿو. اهو معاشي نظام دولت جي مساويانه تقسيم جي اصولن جو پابند هوندو. شاهه

صاحب اهي فلسفي ۽ مفڪر آهن جن معيشت جي رد عمل پوندڙ نفسياتي اثرن ڪي اجاگر ڪيو آهي. شاهه صاحب چون ٿا ته معاشي نظام جيڪڏهن صحيح اصولن تي قائم هوندو ته نتيجي ۾ انسان جي جسماني ۽ روحاني قوتن ۾ توازن ۽ اعتدال رهندو. انسان ۾ اخلاق فاضله ۽ سٺيون خصلتون جنم وٺنديون. پاڻ وري ظالمانه معاشي نظام جي خرابين ۽ ان جي سماجي ۽ نفسياتي اثرن کان به آگاهه ڪن ٿا.

پاڻ چون ٿا ته غير انساني معاشي نظام جهڳڙن، ڦرلٽ ۽ هڪ ٻئي کان مسابقت جي عمل کي جنم ڏئي ٿو. حسد، بغض، ڪينو ۽ زوراوري جهڙن زهريلن جراثيمن کي انسان جي اندر ۾ پيدا ٿو ڪري. اهو نظام قومن جو استحصال ڪري ٿو ۽ هڪ قوم کي ٻين قومن جي حقن تي حملو ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ٿو. اهڙو نظام بداخلاقي جي مرض کي پکيڙي ٿو. نتيجي ۾ ماڻهو الله جي ياد ۽ روحاني زندگيءَ جي ترقي کان بلڪل پري ۽ محروم رهجي وڃن ٿا. اهو نظام محنت ڪندڙن تي ظلم جا نوان نوان دروازا کولي ٿو.

اڳتي قاضي صاحب لکن ٿا ته شاهه ولي الله تمام چٽي طرح ظالمانه معاشي نظام جي نفسياتي اثرن جي طرف توجهه ڏيارن ٿا. پاڻ لکن ٿا ته هي ظالم نظام انسانن کي انسانيت کان ڪيرائي انهن کي اڌ انسان بلڪ جانورن ۾ تبديل ڪري ڇڏي ٿو. پر هن نظام جي زد ۾ رڳو محنت ڪندڙ طبقو ئي متاثر نٿو ٿئي. بلڪ مٿيون ۽ ڪائو طبقو به ان نظام جي زد ۾ اچي ٿو." (افڪار شاهه ولي الله ص، 192-193).

طبقاتي سماج ۾ دولت مند ۽ اهل زر طبقو تمام انساني حسن کان محروم ٿي ڪري صرف "مال حاصل ڪرڻ" جي حسد تي زنده رهي ٿو. ائين ئي اهي انسانيت جي درجي کان ڪري ڪري اڌ انسان واري درجي تي پهچي وڃن ٿا. جڏهن ته محنت ڪندڙ طبقو جبري مشقت تي مجبور هوندو آهي ۽ آزادانه جسماني ۽ روحاني توانائي جي ترقي نه هجڻ ڪري پنهنجي جسم کي فنا ۽ پنهنجي روح کي تباهه ڪري ڇڏيندو آهي. ائين ئي پوري انساني نسل غير انساني صورت جو شڪار بڻجي پوي ٿو، بقول شاهه ولي الله جي اهڙو سماج مجرمن ۽ ذهني مريضن کي جنم ڏئي ٿو . (تعليمات شاهه ولي الله، ص 193).

شاهه صاحب جن جي ان نظريي کي سامهون رکي ڪري اڳتي هلي ڪارل مارڪس چيو ته "طبقاتي سماج فرد ۾ بيزاري بيچيني پيدا ڪري ان جي نفي ٿو ڪري ۽ انقلاب ان نفي جي نفي ڪرڻ جو عمل آهي، جنهن سان هڪ نئون ۽ مڪمل انسان جنم وٺي ٿو. ڳالهه جو حاصل مطلب ته فرد جي ذات جي نشونما ۽ ان جي روحاني ترقيءَ لاءِ انسان دوست اقتصادي نظام جو هجڻ ضروري آهي.

جيئن حضرت سنڌي فرمائن ٿا: " عوام جي معاشي ۽ اقتصادي حالتن جي اصلاح، سنڌن اخلاق جي اصلاح لاءِ اول شرط آهي. اقتصادي نظام جي نيڪ ۽ صحيح هجڻ جو نتيجو هي نڪرندو ته انساني اجتماعيت جا اخلاق مڪمل ٿيندا. پوءِ انهن اخلاقن جي تڪميل ئي قبر ۽ حشر جي مصيبتن کان انسان کي نجات ڏياريندي. پوءِ ٻئي درجي ۾ جنت جي نعمتن مان مستفيد ٿيڻ جي قوت پيدا ڪندي ۽ ٽئي درجي تي پهچي ڪري فرد کي رب العالمين جي ديدار لاءِ تيار ڪندي." (الفرقان، ولي الله نمبر ص 320)



اسان جي هن مٿئين تحرير مان شاهه صاحب جي فڪر ۾ معيشت جي اهميت جي باري ۾ خبر پوي ٿي ۽ شاهه صاحب جي خصوصيت ۽ امتيازي حيثيت جي ڄاڻ به ملي ٿي. حقيقت هيءَ آهي ته شاهه صاحب جي فلسفي ۾ تصوريت پسندانه نظريي کي رد ڪيو ويو آهي. پاڻ سماج جي جوڙجڪ ۽ معاشرن جي تشڪيل جا مادي ۽ معاشرتي سبب ٻڌائن ٿا. ۽ ان سان گڏ معاشرن جي جوڙجڪ، قومن جي عروج ۽ زوال ۾ معيشت کي بنيادي اهميت جي نظر سان ڏسن ٿا. پر ان سان گڏ اخلاق، معيشت ۽ مذهب جي پاڻ ۾ مليل ڳانڍاپي کي بيان ڪري انهن کي سماج جي تعمير ۽ تقريب جو حقيقي محرڪ قرار ڏين ٿا. حقيقت ۾ شاهه صاحب اسلامي تاريخ جا پهريان حڪيم آهن جن انسان جي سماجي ارتقا جي نظريي، انساني تهذيب جي ارتقا، ان جي مختلف مرحلن ۽ مرحلن جي محرڪن ۽ مقتضيات ۽ سببن ۽ انهن جي عروج ۽ زوال جو هڪ تجزيو ڪيو آهي. شاهه صاحب ئي پهريون حڪيم آهي جنهن علم الاجتماع ۽ علم الاخلاق ۾ علم الاقتصاد کي بنيادي اهميت ڏني آهي.

مارڪس شاهه صاحب کان گهٽو پوءِ پيدا ٿيو جنهن اشتراڪيت ۽ سرمائيدارانه نظام جي باري ۾ تسلسل سان پنهنجو نظريو پيش ڪيو ۽ دنيا ۾ هلچل مچائي ڇڏي. مارڪس پنهنجي اقتصادي نظريي کي پيش ڪرڻ وقت مذهب کي خارج ڪري ڇڏيو بلڪ سندس فلسفو لاديني فڪر تي قائم آهي. مارڪس مذهب کي عادل اشتراڪي نظام جو مخالف ۽ دشمن قرار ڏئي ٿو. جڏهن ته شاهه صاحب "عدل" ۽ "رب" جهڙن خدائي صفتن کي عقلي دلائل سان واضح ڪري علم الاقتصاد کي مذهب جو پابند ٻڌائي ٿو. تنهن ڪري شاهه صاحب جي حجت الله البالغه ۽ بدور بازغه کي داس ڪيپٽال (Das Capital) تي ترجيح ۽ فوقيت آهي.

****

(مجموعءِ تفاسير امام سنڌي رحمة الله عليه)

**تفسير الهام الرحمٰن ۽ منتخب سورتون**

حجة الاسلام امام شاهه ولي الله رحمة الله عليه جي ديني فڪر جي عظيم شارح
حڪيم الاسلام امام الانقلاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ رحمة الله عليه جون شاگردن کي پڙهايل
گڏيل تفسيري سورتون، جن ۾ قرآن حڪيم جي حڪمت ۽ دعوت، غلبءِ اسلام جي رمزن
۽ دين اسلام جي سياسي ۽ معاشي اصولن کي جامع تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي.
قرآن حڪيم جي انقلابي فڪر کي نکيڙيندڙ اسلامي دنيا جو معروف تفسير

**مفسر قرآن: مجدد العصر امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رحمة الله عليه**

**سهيڙيندڙ ۽ سنواريندڙ: نور احمد ميمڻ**

**رابطي لاءِ:**

سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گهنٽا گهر چوڪ سکر فون: 071-5628368،
سنڌيڪا بوڪ شاب، جتوئي منزل حيدر چوڪ حيدرآباد فون: 03013594679 ـــ
سنڌيڪا بوڪ شاپ، روم نمبر1، مهراڻ هوٽل، اسٽيشن روڊ، لاڙڪاڻوفون: 03468960942
العماد بوڪ سيلرز، اردو بازار، ڪراچي فون: 0212214521 ، 0300-343115

مجاهد عبدالقيوم رخشاڻي شاهپور چاڪر

# اسلام عورت جي شان کي بلند ڪري ڇڏيو آهي

الله پاڪ جنهن به شيءِ کي خلقيو آهي، ان کي مقصد ۽ عزت عطا ڪيا آهن، ليڪن سڀني کان وڌيڪ عزت وارو انسان آهي، جيڪو اشرف المخلوقات جي وصف سان نوازيل آهي. اهو انسان وري ٻن جنسن ۾ ورهايل آهي، هڪ مرد جنس، ٻيو عورت جنس.

اسلام کان اڳ عورت مظلومي ۽ مجبوري جي چارن ۾ جڪڙيل هئي. عورت کي صحيح مقام ڏيڻ هڪ نازڪ مسئلو هو، جيڪو صدين کان هلي رهيو هو، دنيا ۾ مختلف قومون ۽ مذهب گذريا مگر عورت کي صحيح مقام ۽ مرتبو ڏئي نه سگهيا بلڪ عورت جي وجود کي نسورو عيب سمجهيو پئي ويو.

اسلام کانسواءِ ٻين قومن ۽ مذهبن ۾ عورت جو ڇا مقام آهي؟ ڪجھ جائزو پيش ڪيون ٿا. ويدڪ ڌرم جي مشهور مذهبي ڪتاب "منسمر تي" ۾ صاف لکيل آهي: "عورت تي عبادت لازم نه آهي مڙس جي خدمت ڪرڻ ئي ان جو پرم ڌرم آهي.

حيض واري عورت جو ناهيل يا هٿ لڳايل ڪاڌو نه کائجي، عورت کي لازم آهي ته مڙس جي مري وڃڻ کان پوءِ ٻي شادي نه ڪري، بلڪ باقي سڄي زندگي بيواهه رهي ۽ تمام گهٽ غذا تي پنهنجي زندگي جا باقي ڏهاڙا گذاري. ڪنهن دور ۾ اهل فرانس هڪ عظيم الشان مجلس ۾ عورت جي ذات متعلق هي فيصلو ڪيو هو ته "عورت انسان آهي، ليڪن هو صرف ۽ صرف مرد جي خدمت لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي."

انگلستان جي ڪليسائي بادشاهه يارهين صدي عيسوي ۾ هڪ اهڙو قانون نافذ ڪيو جنهن ۾ مرد کي اختيار ڏنو ويو هو پنهنجي عورت کي ٻئي ڪنهن کي تحفي ۾ ڏئي ۽ ٻئي ڪنهن کي قرض جي عيوض به عورت ڏئي سگهي ٿو. ان دور ۾ يورپ اندر عورتن جي تجارت جي عام جام اجازت هئي.

اسلام کان اڳ جيڪي به مذهب آيا اهي عورت ذات کي صحيح مقام ڏئي نه سگهيا مگر جڏهن اسلام جو عروج ٿيو ته ٻنهي جهانن جي سردار حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم عورت ذات جي شان کي آسمان جيان بلند ڪري ڇڏيو. عورت کي زنده دفنائڻ واري دروازي کي هميشه لاءِ بند ڪيائون. عورت عيب سمجهڻ بجاءِ گهر جي سونهن بڻجي وئي ڪيس ظلم ۽ ستم جي سنگهرن مان آزادي ملي. قرآن عورت ۽ مرد جي نيڪي ۽ مرتبن کي هڪ جهڙو قرار ڏنو. اسلام ته عورت جي مقام کي ايتري قدر بلند ڪري ڇڏيو جو عورت جڏهن ماءُ بڻجي وڃي ته ان جي قدمن هيٺيان جنت قرار ڏني.

عورت ۽ مرد کي برابر حق ڏنا. مرتبن کي به برقرار قرار ڏنو ويو ۽ زندگيءَ جي گاڏيءَ کي بهتر هلائڻ لاءِ ذميوارين جا دائرا به مقرر ڪري ڏنا. عبادات به مرد ۽ عورت



ٻنهي لاءِ آهن، ليڪن عورت جون ذميواريون مرد کان ڪجھ الڳ هن ڪري آهن ته عورت جي جسماني طاقت ۽ جذبات مرد کان مختلف هئڻ ڪري، ان جون ذميواريون به الڳ آهن.

اسلام جا جيڪي به احڪامات آهن، چاهي حقوق الله هجن يا وري حقوق العباد هجن سي اسان جي فائدي ۾ آهن، ڇو ته اسلام اسان کي ماءُ جي هنج جي زندگي کان وٺي قبر جي زندگي تائين، صحيح نموني انسانيت جي زندگي گذارڻ جو طريقو ٻڌائي ٿو. انڪري جيڪڏهن انهن حڪمن تي عمل ڪيو وڃي ته اسان جي معاشرتي زندگي تباهي ۽ تنزلي کان بچي ويندي.

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم پنهنجي زندگي جي آخري عرصي ۾ يعني حجته الوداع جي موقعي عورتن جي حقن خاص پارت ڪري ويا هئا ليڪن افسوس!! اڄ عورت ظلم جي چڪين ۾ پيسجي رهي آهي، اڄ به عورت غربت ۽ مجبوريءَ جي لڪير هيٺيان زندگي گذاري پئي. اڄ به عورت غلاميءَ جي سنگهرن ۾ قاتل آهي ۽ اڄ اسلام جون علمبردار حڪومتون، ادارا ۽ اڪابر عورت جي حقن ۽ عورت سان انصاف بابت ڪا به قانون سازي ڪرڻ يا ڪا به عالمگير تحريڪ ۽ هلچل هلائڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيا آهن، جنهن ڪري هڪ طرف عورت جي مٿان جاري ظلمن کي روز بروز تقويت ملي رهي آهي ۽ ٻئي طرف انسانن جي هيڏي وڏي حصي کي اسلام پسندن جي طرفان پرجهلائي ۽ احسانمندي جي حوالي سان مايوسي نصيب ٿي رهي آهي.

## حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

- **قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو**
- **قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو**
- **عهد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻهن جي تياري جو ادارو**
- **امام شاهه ولي الله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاهياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو**

الحمدالله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻهو خط و ڪتابت ذريعي فهم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن. امام شاهه ولي الله ﷺ جي تعليمي طريقي تي جوڙيل هنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاهياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نه صرف انهن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رهيو آهي بلڪ پنهنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد به حاصل ڪري رهيا آهن.

اوهان به قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل هدايت ۽ حڪمت کان بهره ور ٿيڻ گهرو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گهرائي سگهو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
نيشنل هاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 0313-2707097

**پروفيسر مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي**
سنڌيڪار: مولانا محمد حسين شاھ سجاولي
ايڊيٽر: ماھوار الفاروق)

# حديثون ۽ روايتون

جيتوڻيڪ حضورﷺ جن چٽي طرح ٻڌائي ڇڏيو هو ته جيڪو پاڻ ڄاڻي ٻجهي پاڻ ڪريمﷺ ڏانهن ڪا ڳالھ منسوب ڪندو ته ان جو ٽڪاڻو دوزخ هوندو. پر تڏهن به وضع حديث (حديث گهڙڻ) جو فتنو صحابه ڪرام جي دور ۾ ئي پيدا ٿي ويو هو. جيتوڻيڪ صحيح مسلم ۾ حضرت عبدالله بن عباس کان روايت آهي، فرمائي ٿو ته، جيستائين رسول اللهﷺ جن ڏانهن نسبت ڪري غلط بياني نه ڪئي ويندي هئي، اسين نبيﷺ جي حديثن جي روايت ڪندا هئاسين، پر جڏهن ماڻهو ابتيون سبتيون ڳالهيون ڪرڻ لڳا آهن، اسان حديث جي روايت ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي. هن فتني جا سبب هي هئا.

(1) انسان جي فطرت آهي ته جڏهن پنهنجي ڪنهن خيال يا راءِ کي مضبوط طريقي تي ۽ طاقت سان ٻڌائڻ گهرندو آهي ته ڪن وڏن ماڻهن جي ڳالهين کي پنهنجي تائيد ۾ پيش ڪري انهن جو حوالو ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪو سچو قول موجود نه هوندو آهي ته پاڻ پنهنجي طرفان ڪا ڳالھ ئاهي ڪنهن وڏي شخصيت ڏانهن ان کي منسوب ڪري ڇڏيندو آهي. ظاهر آهي ته صحابه جي دور ۾ ايمان ۽ عمل جي لحاظ سان سڀ ماڻهو هڪ جهڙا نه هئا، بلڪ هن زماني ۾ اهي ماڻهو به هئا جن لاءِ قرآن مجيد ۾ فرمايو ويو.

قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا ۭ قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَلٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا وَلَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ ۭ ﴿١٤﴾

(عرب جا ڳوناٺا چون ٿا ته اسان ايمان آندو اوهان (اي نبي) انهن کي چئو ته اوهان ايمان نه آندو آهي البت ها، هي چئو ته اسان تابعداري قبول ڪئي ۽ ايمان ته اڃا تائين اوهان جي دلين ۾ داخل به نه ٿيو آهي.) (ق: ١٤)

بس جيڪي ماڻهو هن آيت جو مصداق هئا، اهي مسلمان ته ضرور هئا ۽ حضورﷺ سان ملاقات جي شرف جي ڪري اصحابن ۾ ليکيا به ويندا هئا ليڪن گهڻي تربيت ۽ ڏگهي صحبت وارن اصحابن جهڙو انهن ۾ نه ورع ۽ تقويٰ هو، نڪي پنهنجي قول ۽ عمل ۾ انهن وانگر مضبوط هئا. انهي ڪري (نيڪ نيتيءَ سان ئي) جڏهن انهن کي پنهنجي ڪنهن خيال يا راءِ کي مضبوط ڪرڻو هوندو هو ته (بنا ڪنڪي) هڪ ڳالھ نبيﷺ ڏانهن منسوب ڪري ڇڏي. چاهي انهن هيءَ ڳالھ خود گهڙي هجي يا پاڻ جهڙي ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کان ٻڌي هجي.

(2) منافقن جو طبقو، جنهن جو ذڪر قرآن شريف ۾ وري وري آيو آهي، نبوي عهد ڪانپوءِ ختم نه ٿيو بلڪ تاريخ جي هر دور ۾ مسلمان سماج جو لازمي جزو بنيو



رهيو آهي. هي طبقو عهد صحابه ۽ تابعين ۾ هو ۽ هن مسلمانن ۾ خيالن جي انتشار ۽ سوچ ۽ فڪر ۾ خرابي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ڪڏهن به ڪوتاهي نه ڪئي. هن گندي مقصد جي ڪري هي ماڻهو گهڻي مقدار ۾ وضع حديث به ڪندا هئا. جيئن هن جماعت جو هڪ شخص عبدالڪريم بن ابي العوجاء الوضاع جڏهن گرفتار ڪيو ويو ۽ هن کان پڇا ڳاڇا ڪئي وئي ته هن چيو "مون حلال ۽ حرام جون چار هزار حديثون ٺاهي مسلمانن ۾ پکيڙي ڇڏيون آهن.[1] هي شخص معني بن زائده جيڪو حضرت عمر رضہ جي خلافت جي دور ۾ ڪوڙا فرمان ٺاهيندو ۽ انهن جي ذريعي پئسا وٺندو هو.[2] ان جي عادت هئي ۽ مانويه فرقي سان تعلق رکندڙ هو[3].

(3) هن کان علاوه مسلمانن ۾ هڪ طبقو قصاص (قصا ٻڌائيندڙ) ۽ واعظين جو به هو. جيڪو محفل کي گرمائڻ لاءِ ترغيب ۽ ترهيب لاءِ غلط سلط روايتون حضورﷺ جن جي نسبت سان ٻڌائي ڇڏيندو هو. تميم ذريءَ جو تعلق هن طبقي سان هو. جڏهن هن جمعه جمعه تي وعظ ڪرڻ جي موڪل حضرت عمر رضہ کان ورتي ته عهد خلافت جي شروعات ۾ پاڻ، ڪيس اجازت نه ڏنائون ۽ پڇاڙيءَ ۾ اجازت ڏئي ڇڏيائونس، هن شرط سان ته جيستائين آئون مسجد ۾ هجان، تيستائين تون وعظ ڪري سگهين ٿو. حضرت عثمان رضہ جي خلافت جي دور ۾ سندن موڪل سان تميم ذري رضہ هفتي ۾ به ڀيرا وعظ ڪرڻ شروع ڪيو هو.[4]

قصاص ۽ واعظين جي اها ئي اها جماعت آهي جنهن لاءِ امام مسلم مشهور محدث ۽ حديث جي نقاد يحيٰ بن سعيد القطان جو قول ان جي فرزند محمد جي واسطي سان نقل ڪيو آهي ته، هڪ ڀيري يحيٰ بن سعيد فرمايو:

لم تر الصالحين في شيءِ الكذب منهم في الحديث.

صالحين جيترو حديث ۾ ڪوڙ ڳالهائين ٿا ايترو اسان ڪنهن ٻئي معاملي ۾ ڪين ڪوڙ ڳالهائيندي نه ڏٺو.

هي ان زماني جي خصوصيت هئي، هن جماعت جو هميشه حال اهو ئي رهيو آهي. اڄ ته اهو حال آهي جو الله جي پناهه!

هي ته سڀ ڪجھ هوئي، پر هن صورت حال ۾ واڌاري جو سبب هي ٿيو ته عهد فاروقي ۽ عهد عثمانيءَ ۾ سوين جي گهٽائي ۽ ڪشادگيءَ جي ڪري ڀانت ڀانت جون قومون (جن جو تفصيل اڳيان ايندو) عربن جي قومن ۽ قبيلن سان گڏجي سڏجي ويون. انهن جي تهذيب، روايتون، مذهب، لاڙا ۽ رجحان ۽ حياتي گذارڻ جا رستا ۽ طريقا جدا جدا هئا. جيتوڻيڪ انهن مان گهڻا مسلمان ٿي ويا هئا، ليڪن انهن جون قومي خصلتون ۽

---

[1] فتوح البلدان البلاذري ص 450
[2] فجر الاسلام احمد امين ص 211
[3] فجر الاسلام احمد امين ص 211
[4] شرح نهج البلاغہ ج 2 ص 17

خاصيتون يڪدم ختم نٿي ٿي سگهيون. انهيءَ ڪري قومي ۽ نسلي عجميت منهن ڪڍيو، پاڻ ۾ رنجشون ۽ دشمنيون ٿي پيون، هڪ فرقو ٻئي جو مخالف ٿي ويو، اِئين هنن دشمنين جو ميدان تمام ڪشادو آهي ليڪن قبيلن جي عجميت ۾ بنو اميہ ۽ بنو هاشم ۽ عقيده ۽ فڪر جي ميدان ۾ اهل سنت والجماعت ۽ شيعن جي اختلاف اهو رنگ ڏيکاريو جو اسلام جو پورو پياتيءَ جو نظام ئي ان جي ور چڙهي ويو. هن صورت حال وضح حديث جي رفتار کي تمام تيز ڪري ڇڏيو. هڪ جماعت ٻي جماعت جي مقابلي ۾ پنهنجي سئين راهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ روايتن کي گهڙڻ ۽ ناهڻ ۾ ڪو ڪَٽڪو نہ ڪندا هئا. جيئن ابن الحديد تمام تفصيل سان ٻڌايو آهي تہ شيعن امامن جي فضيلت ۾ تمام گهڻيون حديثون وضح ڪيون (ناهيون) آهن ۽ انهن جا مثال لکيا آهن(1). احمد امين ٻين فرقن جي وضح حديث جا مثال بہ لکيا آهن(2). وضح حديث جي تاريخ، ان جي وجود ۽ سببن جو تفصيلي اڀياس ڪرڻ لاءِ علامہ ابن جوزي ۽ ملا علي قاري جي ڪتابن تذڪره الموضوعات جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

هاڻي سوچڻ گهرجي تہ حديث جنهن جي شرعي ۽ ديني حيثيت نهايت اهم آهي ۽ جنهن ۾ ڪوڙي بيان ڪرڻ جي خلاف سخت وعيد حضورﷺ کان روايت ڪيل آهي. جنهن نفس جي خواهشن جي اثر هيٺ وضح ۽ ڪوڙ ۽ فريب جو هي حال آهي، تہ تاريخي روايتن، جن جو واسطو اموين، عباسين، سنين، شيعن، ڪوفہ وارن ۽ شام وارن وغيره جي پاڻ ۾ اختلافن ۽ جهيڙن سان آهي، ان ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ، وضع ۽ دجل جو ڪيترو ۽ ڪيئن ڪجهہ دخل نہ هوندو ،جيتوڻيڪ حديث ۽ تاريخ ۾ ڪوڙ ۽ وضع جي وبا سان ڪنهن هڪ جماعت کي متعين طور تي محفوظ قرار نٿو ڏئي سگهجي، تنهن هوندي هن کان انڪار ممڪن ڪونهي تہ هن ۾ جيترو گهڻو حصو حضرت عثمان جي مخالفت يعني حضرت علي رضہ جي حامين ۽ شيعن جو آهي ايترو ڪنهن جو ڪونهي جيئن ابن الحديث جي حوالي سان گذري چڪو آهي. هنن ماڻهن هڪ پاسي پنهنجن امامن جي فضيلتن ۽ مناقب ۾ تہ ٻئي پاسي حضرت ابوبڪر و عمر ۽ حضرت عثمان جي بي حرمتي ۽ انهن تي الزام مڙهڻ ۾ گهڻائيءَ سان حديثون ۽ تاريخي روايتون گهڙيون ۽ وضع ڪيون. جڏهن تہ هنن ماڻهن جي پروپيگندا جي مشين گهڻي طاقتور هئي جنهن ڪري اموي خلافت ختم ٿي ۽ بنو عباس حڪمران ٿي ويا. تنهن ڪري هنن جون ناهيل ۽ موضوع حديثون ۽ روايتون ايتري قدر گهڻيون پکڙيون جو اسلامي تاريخ جو حصو ٿي ويون ۽ صحيح ۽ ضعيف جو ويڇو ڏکيو ٿي ويو. هن مان هي اندازو لڳائڻ مشڪل ڪونهي تہ پهرين ۽ ٻي صديءَ جا جيڪي تاريخدان بصره يا ڪوفہ جا رهاڪو ۽ حضرت عثمان رضہ جي مخالف ٽولي سان متفق هئا، انهن جي ڪتابن يا رسالن ۾ حضرت عثمان ۽ سندس خلافت بابت ڪيتريون ڪجهہ غلط ۽ ابتيون سبتيون روايتون نہ هونديون.

*(حيات عثمان ذوالنورين ص 23 تان ورتل)*



مولانا شعيب الرحمٰن کهڙو

### عليڪم بسنتي

## عفوءَ درگذر جو پيغمبراڻو طريقو

پاڻ ڪريمﷺ جن جي مڪي دور تي نظر وجهبي تہ اها ڪهڙي تڪليف ۽ اذيت هئي، جيڪا پاڻ سڳورن کي نہ ڏني وئي هجي، پاڻ ڪريمﷺ جن جو فرمان آهي: ما اوذی نبی مثل ما اوذيت (جيترئون مون کي اذيتون ڏنيون ويون، ڪنهن بي نبيءَ کي اوترئون اذيتون نہ ڏنيون ويون.)

پر پوءِ بہ پاڻ ڪريمﷺ جن مڪي جي فتح کان پوءِ ڪين معاف ڪري ڇڏيو، ۽ ڪنهن کان بہ انتقام ۽ بدلو نہ ورتو. جنگ احد ۾ پاڻ ڪريمﷺ جن جا ڏند مبارڪ شهيد ڪيا ويا، چهرو مبارڪ زخمي ڪيو ويو، پر پوءِ پاڻ سڳوراﷺ انهن جي هدايت جي لاءِ دعائون گهرندا رهيا.

هڪ جنگ جي دوران هڪ يهودي عورت پاڻ سڳورنﷺ کي ٻڪريءَ جي گوشت ۾ زهر ملائي کارايو، ۽ ان پنهنجي ڏوهہ جو اعتراف بہ ڪيو، پر پوءِ بہ پاڻ سڳورنﷺ ڪيس معاف ڪري ڇڏيو.

مديني ۾ لبيد بن اعفم يهودي پاڻ سڳورنﷺ تي جادو ڪيو هو، جنهن سان پاڻ سڳورنﷺ کي سخت تڪليف پهتي هئي. پاڻ ڪريمﷺ جن کي وحي جي ذريعي سيڪجهہ معلوم ٿي چڪو هو، پر پوءِ پاڻﷺ ان کان ڪنهن قسم جو انتقام نہ ورتائون.

مديني ۾ عبدالله بن ابي جي قيادت ۾ منافقن جو هڪ سرگرم ٽولو پاڻ سڳورنﷺ کي هر قسم جون ذهني تڪليفون ڏيندو رهيو ۽ پاڻ سڳورنﷺ جي توحيد جي اشاعت ۽ اسلام جي غلبي واري انقلابي پروگرام ۾ رنڊڪون وجهندو رهيو، سڀ ڪجهہ معلوم هوندي بہ پاڻ ڪريمﷺ انهن کي ڪجهہ بہ نہ چيو، بلڪ انهن جي ڪڌن ڪرتوتن تي صبر ڪندا رهيا ۽ ڪنهن بہ الجهن ۾ ڦاسڻ جي بجاءِ انقلاب جي سرگرمين کي جاري رکندا آيا.

ان مان معلوم ٿيو تہ پنهنجن جاني دشمنن کان بہ ذاتي انتقام نہ وٺڻ، دين دشمن مخالفن جي ايذائن ۽ تڪليفن تي صبر ڪرڻ، دشمنن جي لاءِ هدايت هنن جي لاءِ دعائون گهرڻ ۽ انهن کي معاف ڪري ڇڏڻ، پنهنجن جي روپ ۾ منافقت جو ڪردار ادا ڪندڙ بدڪردار انسانن تي چشم پوشي ڪرڻ، ۽ انهن جي معاملن کي الله تعاليٰ جي حوالي ڪري ڇڏڻ، پاڻ ڪريمﷺ جن جي سنت آهي، جيڪي ماڻهو دين جو ڪم ڪرڻ چاهين ٿا، اهي پاڻ ڪريمﷺ جن جي انهن سنتن تي عمل ڪرڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نٿا سگهن.

**بدلي جي لاءِ پنهنجو پاڻ پيش ڪرڻ:**

پاڻ ڪريم ﷺ جن جيتوڻيڪ جو ڪنهن انسان کي قصداً ارادتاً تڪليف ڏيڻ نه گهرندا هئا، پر جيڪڏهن بنا ارادي جي پاڻ ڪريم ﷺ جن کان ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچندي هئي ته پاڻ ڪريم ﷺ جن بدلي لاءِ پنهنجو پاڻ پيش ڪندا هئا.

حديث شريف ۾ اچي ٿو ته، هڪ ڀيري پاڻ سڳورن ﷺ جي مجلس ۾ هڪ بدوي ماڻهو آيو. پاڻ ﷺ جي هٿ ۾ هڪ لڪڻ هو، جيڪو اتفاقاً ان جي پيٽ ۾ لڳي ويو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ ان بدوي کي فرمايو ته، تون پنهنجو بدلو وٺ. ان شخص پاڻ سڳورن ﷺ کان بدلو وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو، تنهن تي پاڻ سڳورن ﷺ فرمايو: بدلو وٺ يا معاف ڪري ڇڏ. (شمائل ڪبريٰ 4/236)

انسان کان جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وڃي، يا ڪنهن جي هٿان ڪنهن کي ڪا تڪليف پهچي ته ان لاءِ نبوي طريقو هيءُ آهي ته انسان بدلي جي لاءِ پنهنجي پاڻ ان جي آڏو پيش ڪري، پوءِ جيڪڏهن هو بدلو وٺڻ چاهي ٿو ته، ان کي خوشيءَ سان پنهنجو بدلو وٺڻ ڏي. پر جيڪڏهن هو بدلو وٺڻ نٿو چاهي ته ان کان معاف ڪرائي ڇڏي. ان ۾ ڪنهن قسم جي گهٽتائي محسوس ڪرڻ نه گهرجي، ڇو ته پاڻ سڳورن ﷺ کان مٿي ڪير ٿي سگهي ٿو؟ جڏهن ته پاڻ سڳورا ﷺ به هڪ جهنگليءَ جي آڏو پنهنجي پاڻ پيش ڪن ٿا، پوءِ پاڻ سڳورن ﷺ جي امت کي ان مان سبق پرائڻ گهرجي، ۽ ان تي عمل ڪرڻ گهرجي، ان ۾ ئي انسان جي نجات ۽ آخروي عذاب کان ڇوٽڪارو آهي.

***

حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنه فرمائي ٿو ته، آءٌ مڪي جي پٿريلي زمين تي پاڻ ڪريم ﷺ جن سان گڏ هلي رهيو هيس ته احد جبل اسان جي سامهون اچي ويو. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: مون کي ان ڳالهه مان بلڪل خوشي نه ٿيندي ته مون وٽ احد جبل جيترو سون هجي ۽ ان تي ٽي ڏينهن ائين گذري وڃن، جو مون وٽ ڪو دينار رهجي وڃي. سواءِ ان ٿوري رقم جي جيڪا مون قرض جي ادائگيءَ جي لاءِ رکان، باقي مان ان مان سڄو مال پنهنجي سڄي ڪٻي ۽ هر پاسي خرچ ڪري ڇڏيان.

(رواه بخاري)

اتان معلوم ٿيو ته بک ۽ ڏک تي رحي ڪري به، محرومن ۽ اٿهوند وارن وٽ وڃي عطائون ڪرڻ ۽ ڪنهن مجبور سائل کي خالي نه موٽائڻ، پنهنجو سيڪجهه الله تبارڪ و تعاليٰ جي راهه ۾ خرچ ڪري ڇڏڻ، مجبور ۽ ڏياج ۾ ڦاٿلن سان همدردي ڪرڻ ۽ فوت ٿيل مقروض جو قرض ادا ڪرڻ پاڻ سڳورن ﷺ جي سنت آهي. جيڪي ماڻهو پاڻ ته سک سان رهن ٿا پر ٻين جو خيال نٿا رکن، يا پنهنجي دنيا ۽ دولت اجايو ڪمن ۽ عياشين تي خرچ ڪن ٿا ۽ مجبورن کي نظرانداز ڪن ٿا. اهي پاڻ ڪريم ﷺ جن جي سنت ۽ طريقي جا منحرف آهن.